امن آب حيات



سرڪش سنڌي

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو چوٿون ڪتاب

امن آب حيات

(بيت غزل ۽ وايون)

سرڪش سنڌي

سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

Scanned with CamScanner

هڙئي حق اداري وٽ آهن

كتاب:- امن آب حيات

شاعر:- سرڪش سنڌي

ٽائيٽل:- فتاح هاليپوٽو

اکر ۽ اسڪيچ:- قاضي اختر

ڇاپو:- پهريون

ڪاپيون:- هڪ هزار

سال:- نومبر ١٩٨٧ع

ملهه:- ويهه رپيا / پندرهن رپيا

ڇپيندڙ:- ماڊرن پرنٽنگ پريس موتي مسجد
شڪارپور روڊ سکر

ملڻ جو هنڌ

١- ادبيات حيدرآباد

٢- مڪتبه اسحاقيه ڪراچي

٣- مارئي ڪتاب گهر سکر

٤- سڳند ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

٥- گل بوڪ سينٽر رتوديرو

Amun Aab-Hayat

Poetry by SARKASH SINDHI

Published by Qazi Abdul Hayee "Qail"

Sindhri Kitabi Silsilo, Al-Manzar Ratodero.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ارپنا

ڪر نہ ڪٿي ڪات، ڪڏھن ڪنھن ڪياڙ تي،
واڳون ڳوڙ وڳوڙ جو، مور نہ پڙي وات،
”امن آب حيات“ پيئڻ سان پر ڪي ڏسو.

*

ھر ساٿ ھجي
ارپيل
مظلوم گھراڻي سان

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

وچور

١- پنهنجي پاران	ادارو	
٢- مهاڳ	تنوير عباسي	
٣- امن ڏاران عيد	سرڪش سنڌي	
٤- بيت		١٣
٥- وايون		٤٩
٦- غزل		٧٣

Scanned with CamScanner

پنهنجي پاران......

سچي شاعر جو قلم قوم ۽ وطن جي امانت هوندو آهي. جڏهن به ڌرتيءَ جي گولي تي ڌاڙي پنهنجو ڌهڪاءُ ڏيکاري مظلومن کي دهلائڻ ۽ ڌمڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تڏهن سچي شاعر جو قلم به تڙپي اٿيو آهي ۽ پنهن جي دور جي تاريخ قلم بند ڪرڻ لاءِ تيز رفتاريءَ سان ڊوڙيو آهي.

سرڪش سنڌي به اڄ جو، هن دور ۽ هن صديءَ جو سچو شاعر آهي، سندس قلم به پنهن جي دور جي تاريخ لکڻ لاءِ تڙپيو آهي. هن ذات ڏٺيءَ ۽ سچي سرجڻهار ”امن آب حيات“ جي نالي سان امن جي اهميت، اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هن پنهنجي وت ۽ وس آهر استحصالي ٽولن جي منهن تي چڙهيل مڪاريءَ وارو ريشمي رومال لاهي پري اڇليو آهي، هن امن جو گلو گهٽيندڙ ۽ بي امنيءَ جي ڪنڊ واري وڻ کي پاڻي ڏيندڙ بورجوا طبقي جا خوب وڪا وائکا ڪيا آهن.

سرڪش سنڌي واڌائي چيو آهي ته حقيقي عيد امن سان ٿيندي تنهن ڪري بي امنيءَ کي ڏيهه مان نيڪالي ڏيڻ جي لاءِ ٻڌي ۽ اتحاد ضروري آهي، هاڻي اها اسان جي مرضي آهي ته هن ڪويءَ جي پيغام کي اسان ڪيترو سمجهون ٿا ۽ عمل ڪريون ٿا. بهرحال سرڪش جي شاعري سچائي ۽ حقيقت پسنديءَ جو هوڪو ۽ صداقت جو سڏ آهي. جنهن کي سمجهڻ، سوچڻ ۽ سڏيءَ سڏ ڏيڻ هر حقيقت پسند ۽ سلجهيل سوچ رکندڙ ذهن جو فرض آهي.

اسان کي خوشي آهي جو اسان سنڌڙي ڪتابي سلسلي طرفان سرڪش سنڌيءَ جي شاعري شايع ڪري پنهنجي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون.

سنڌي ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

"امن آب حيات" اسان جي ننڍڙي اداري جو چوٿون ڪتاب آهي جيڪو اسان پنهن جي پيارن پڙهندڙن جي آڏو پيار ۽ پاپوهه سان پيش ڪري رهيا آهيون.

اسان جي پنهن جي پڙهندڙن ڪي نمائي وينتي آهي ته اسان جو هي ڪتاب جيڪو اسان جي پيار ۽ پريم جو پورهيو آهي انهيءَ کي سڪ جي ساڃهيءَ ۾ توري ۽ تڪي، پڙهي، پرجهي ۽ پرکي پنهن جي حقيقي راين کان اسان کي آگاهه ڪن. ته جيئن اسان پنهن جي سڄڻن جي سهڻين صلاحن تي عمل ڪري ايندڙ قدم سوچي ۽ سنڀالي کڻون.

ادارو انهن سڀني سڄڻن جي سگهند پرڻي سهڪار لاءِ نهايت ٿورائتو آهي جن سڄڻن اسان جي هن ڪتاب کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ پنهن جي محبتن سان نوازيو.

ٿورائي ٿورا ڏيهه جي ذات ڏٽي سائين تنوير عباسي صاحب جا جنهن اسان جي هن ڪتاب لاءِ قيمتي مهاڳ لکي اسان جو مان مٿي ڪيو ۽ ڪتاب کي زيبور بڻايو.

نوجوان شاعر ۽ ليکڪ محترم ادل سومري جا اڻ ڳڻيا احسان جنهن هن ڪتاب جا پروف پڙهڻ جي ذميواري پنهنجي سر کڻي ۽ ڏينهن ۾ ٻه ٽي ٻه ٽي پريس جا چڪر ڪاٽي ٻه دفعا پروف پڙهيا ۽ شروع کان آخر تائين پنهن جو نينهن نڀايو.

٢٥ نومبر ١٩٨٧ع

قاضي عبدالحي "قائل"
نگران
سنڌڙي ڪتابي سلسلو
المنظر، رتوديرو، سنڌ

مهاڳ

ڪنهن به شاعر جي بهترين ڪاميابي هوندي آهي، پنهنجو انفرادي ۽ ذاتي اسلوب گهڙڻ، ٻي ڪاميابي هوندي آهي، ان کي ايترو مقبول بنائڻ، جو سندس دور جا، ان کان پوءِ ايندڙ شاعر ان اسلوب کي اختيار ڪن. سرڪش سنڌي اسلوب گهڙڻ واريءَ بهترين ڪاميابيءَ تي پهتو آهي.

اسان جي دور ۾، سنڌي شاعريءَ ۾ گوناگون اسلوب گهڙيا ويا آهن، جن مان هڪ سڌي سنئين اظهار وارو اسلوب آهي، جنهن ۾ ڪابه لڪ لڪوٽي، مضمون آفريني، اهڃاڻ، يا استعارو نه هوندو آهي. ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو اسلوب سچل سرمست ۽ سندس اثر هيٺ شاعرن ۾ آهي، اردوءَ ۾ نظير اڪبر آباديءَ وٽ هئو، ۽ اسان جي دور ۾ ساحر لڌيانوي، علي سردار جعفريءَ ۽ حبيب جالب ان اسلوب کي اختيار ڪيو. اسان جي دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو اسلوب، حيدربخش جتوئي، هوندراج دکايل، عبدالڪريم گدائي ۽ انهن کان پوءِ سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، خاڪي جويي ۽ سرڪش سنڌيءَ وٽ اهو سڌو اظهار آهي. پر اسان جا اهي سڀئي شاعر پنهنجو پنهنجو لب لهجو ۽ اسٽائيل رکن ٿا. سڀئي پنهنجو ذاتي اسلوب گهڙڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. ابراهيم منشيءَ ۽ محمد خان مجيديءَ وٽ لاڙي لهجي جي ليٽ آهي، سرويچ سجاوليءَ وٽ احمد ملاح جي لفظي ترنم جو لاڙي لهجي سان امتزاج آهي، ته سرڪش سنڌيءَ وٽ اتراڌي لهجي جي اٿل آهي ۽ سندس شاعري جي هڪ پنهنجي سڃاڻ آهي.

سرڪش جي شاعري سندس تخلص وانگر سرڪش آهي، ڪڙڪيدار لهجو، سنئون سڌو اظهار. سندس موضوع اڄوڪي دور جي سنڌ جا مظلوم ۽ ظالم طبقا آهي، جن تي هن بنا ڪنهن ناهم نوهم يا تصنع جي پنهنجا رايا ڏنا آهن. ڪڙمي، پورهيت، اشتراڪ، وڏيرو،

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مهاڳ

ڪنهن به شاعر جي ڀرپور ڪاميابي هوندي آهي، پنهنجو انفرادي ۽ ذاتي اسلوب گهڙڻ، ٻـي ڪاميابي هوندي آهي، ان کي ايترو مقبول بنائڻ، جو سندس دور جا، ان کان پوءِ ايندڙ شاعر ان اسلوب کـي اختيار ڪن. سرڪش سنـڌي اسلوب گهڙڻ واريءَ ڀرپور ڪاميابيءَ تي پهتو آهي.

اسانجـي دور ۾، سنڌي شاعريءَ ۾ گوناگون اسلوب گهڙيا ويا آهن، جن مان هڪ سڌي سنئين اظهار وارو اسلوب آهي، جنهن ۾ ڪابه لڪ لڪوٽي، مضمون آفريني، ابهام، يا استعارو نه هوندو آهي. ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو اسلوب سچل سرمست ۽ سندس اثر هيٺ شاعرن ۾ آهي، اردوءَ ۾ نظير اڪبر آباديءَ وٽ هئو، ۽ اسانجي دور ۾ ساحر لڌيانوي، علي سردار جعفريءَ ۽ حبيب جالب ان اسلوب کي اختيار ڪيو. اسان جي دور جي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو اسلوب، حيدربخش جتوئـي، هوندراج دکايل، عبدالڪريم گدائي ۽ انهن کان پوءِ سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، خاڪي جويي ۽ سرڪش سنـڌيءَ وٽ اهو سڌو اظهـار آهي. پر اسانجا اهي سڀئي شاعر پنهنجو پنهنجو لب لهجو ۽ اسٽائيل رکن ٿا. سڀئي پنهنجو ذاتـي اسلوب گهڙڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. ابراهيم منشيءَ ۽ محمد خان مجيديءَ وٽ لاڙي لهجي جـي ليٽ آهي، سرويچ سجاوليءَ وٽ احمد ملاح جي لفظي ترنم جو لاڙي لهجي سان امتزاج آهي، ته سرڪش سنڌيءَ وٽ اتراڏي لهجي جي اٿل آهي ۽ سندس شاعري جي هڪ پنهنجي سڃاڻ آهي.

سرڪش جـي شاعري سندس تخلص وانگر سرڪش آهي، ڪڙڪيدار لهجو، سنئون سڌو اظهار. سندس موضوع اڄوڪي دور جي سنڌ جا مظلوم ۽ ظالم طبقا آهـي، جن تي هن بنا ڪنهن ناهه نوهه يا تصنع جـي پنهنجا رايا ڏنا آهن. ڪڙمي، پورهيت، اشتراڪ، وڏيرو،

سيٺ، ڪامورو، ملا، مرشد ۽ سامراج. اهي سڀ موضوع آهن سنڌس بيتن جا. سرڪش ڪان اڳي، بيت کي اهڙن موضوعن لاءِ گهٽ استعمال ڪيو ويو آهي. ان ڪري هڪ لحاظ کان سرڪش بيت جي صنف کي وسعت ڏني آهي.

اهو اشتراڪ شرح آهي شريعت جو،
چئون ڳالهه چٽي اگر، چڙي ٿو چالاڪ،
انس هڏ حرام جو، حرام تي هيراڪ،
نياڳو ناپاڪ، اندر ارادو رکي.

نه تڪلف نه تصنع، سڌي ڳالهه سوٽي جي.

ڪن جو گهر ڪروڙ جو، ڪن جا ڪانا ڪک،
ڪو اوباري اچلي چڏي، ڪنهن وٽ بڪي بُک،
ڪو نه اڏائي لک، ڪو ريهي لئي رڙندو وتي.

هي بيت ڪو نئهو "سونٽو" ناهي. ان ۾ تجنيس حرفي ۽ لفظي ترنم جي شعريت آهي.

مرد توٽي زال، ساڳيو حق ٻنهي کي،
مڙس مٿي هئڻ جا خلقي نه ويهي خيال،
تڏهن مٽين مال، ڪنهي ٿيندا قرب جا.

هيٺين بيت ۾ 'سڌو اظهار' به جمالياتي حس پڻ. سرڪش ڪو بي ذوق نعري باز شاعر ناهي. هن وٽ انسانيت پرستي **Humanism** جو اونهو رومانوي جذبو آهي:

گوليون گهيڙڻ ڇڏ، گل گلابي پوک،
ٿي مالهي ڀاڻ موڪ، ايندڙ ويندڙ واسجن.
۽ هن کي پڪ آهي انسان جي روشن مستقبل ۾.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

اڇهو اڇريو سڄ ، اڇهو اسهي رات ،
رهندي پنهنجي راڄ ۾ نڪا ذات نه پات،
ڄمئي مساوات اينـدي روءِ زمين تي.

—

وڏيري جي باري ۾ هڪ بيت ۾ سرڪش چوي ٿو:

وڏو ويـري امن جو آهـــي وڏيـرو ،
پاڳــيءَ لڌو پاس انهـــيءَ پيراٽو پيرو ،
ساڳـــي سٽ سلهاڙيل آ سيڻيو سڱيرو ،
ڪاموري جو ڪڙم انهيءَ ڏي پيري تي پيرو،
ننهن ڪان چوٽـــيءَ تائين مولانـا ميرو ،
گيرت ۾ گيرو ، پورهيت ڪڙمي پيڙبو.

هن بيت ۾ نه رڳو وڏيرو، پر اسانجي دور جا سڀ ڪردار آهن جيڪي پرمار ۾ پائيوار آهن، جيئن پير، سيڻيو، ڪامورو ۽ مولانا.

هو هر جديد ترقي پسند شاعر وانگر عورت ۽ مرد جي برابريءَ جو حامي آهي.

توڙي هجـــي مرد ، توڙي هجــي زال ،
مٿي ناهي مان ۾ ڪنهن ڪان ڪوئي فرد،
دل ۾ ساڳيو درد ، سڄڻ سڀئي ڳالهه آ.

—

هيئين بيت ۾، سرڪش پنهنجي خواهشن ۽ خوابن جونقشو ڏنوآهي:

سونهن ملي سنسار کي ، سهڻو ٿئي سنسار ،
چارئي پاسا چمڪي پون، چانڊوڪي چوڌار،
وڃي جيئن وڃائجي ، اونـدهه انڌوڪار ،
ڌرتـــي ڌري واسجي ، برن منجهه بهار ،
سيئي ڪن سينگار، ميرو نه ماڻهو ڪو رهي.

—

ساڳي طرح وائي جــي صنف ۾، سرڪش پنهنجــي شاعرائين خواهشن جي اپٽار ڪئي آهي.

ڪٿ تـــي ويهي هر ٽر ڇائي سرمو سينـــڌ ڪري،
ته منهنجو هانءُ ٺري.
ٽي پٽي پانهن سيرانـدي، جيڪر اهڙو واءُ وري،
ته منهنجو هانءُ ٺري.

يا هڪ ٻيءَ وائيءَ ۾:

اپ جي ڪاري منهن تي ريڪا ڳاڙهي، نيري پيلي ايندي،
پوءِ ته ڪا تبديلي ايندي.
ساٿـــي گوريلا ۽ سرتي سيڪا ٿي گوريلي ايندي،
پوءِ ته ڪا تبديلي ايندي.
"سرڪش" سيني استحصالي، دستورن کي تيلي ايندي،
پوءِ ته ڪا تبديلي ايندي.

هن وائي ۾ سڌي اظهار سان گڏ رومانوي منظرڪشي ڪئي آهي

ڏيکـي ڏيکي اٿيهينءَ جو چنـڊ به ايري پيو،
تـه ڏاڍو خوش ٿيندس.

هيٺينءَ وائيءَ ۾ سرڪش وراڻيءَ کان ڪنهن خيال کي زوراڻو بنائڻ جو ڪم ورتو آهي. پر وراڻي به انوکي آهي:

ڪا ڪوڪ پڄهي پئي - ته من قوم بچي پئي.
مون گيت جي هرسٽ انهيءَ لاءِ لکي پئي- ته من قوم بچي پئي.
ڪا انڌ ۾ اونداهه ۾ ڪا لاٽ ٻري پئي- ته من قوم بچي پئي.

سرڪش پنهنجن غزلن ۾ تغزل کي قائم رکيو آهي،
ڪن کـي بندوق به ناهه مارينـدي،
ڪي ميارن سان مري وينـدا آهن.

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

هڪ شعر ۾ هڪ انوکي تشبيهه آهي.

نفرت گهر گهر ۾ وڌي پکڙجي،
ماتا وانگي، ارڙي وانگي.

يا

ٻاهر اجرا اندر ڪارا،
ماڻهو سرمي دانيءَ وانگي.
مان ته هميشه تڙپيو آهيان،
ڪڙميءَ جي ڪانياٺيءَ وانگي.
وڻندو آهين منڊي ادبي،
سنگت جي گڏجاڻيءَ وانگي.
آزاديءَ لئه پيئڻ گهرجهي،
روهه ۾ چانهه ۽ پاڻيءَ وانگي.
ٿي پئي آ ساٿيهه جي خاطر،
سرڪش جي دل ڇاڙيءَ وانگي.

غزل ۾ سڌي اظهار جو نمونو ڏسو:

ڪاڻ ته مهماني سمجهي،
ٻين جو حق، برياني سمجهي.

نظام آهي عجب، گهوٽ، ڪنوار جي منهن ڪي،
ڏسڻ ڪان اڳ ۾ پڇي ٿو ته ڏاج ڪهڙو آ.
ٻنڌي جي ڏينهن پڇي ڏس ته ڪنهن به راهڪ کان،
ڏنو جو توکي وڏيري اناج ڪهڙو آ.

او مون کي ڪافر ڪوٺيندڙ جئن ڪوٺڻ چاهين ڪوٺ مگر،
ڪجهه منهنجي پي تاريخ ته پڙهه تون عربن کان ارغونن تائين.

ٿي رات منجهان صبح سويرو ته خوشي ٿي،
مارو نـه ڏسان ملڪ ۾ ميرو ته خوشي ٿي،
هو شير محمد ڪٿـي پورهيت آ تڏهن پـي،
ڪو سيٺ سڏي ڪيس نه شيرو ته خوشي ٿي.

مٿين غزل ۾، سرڪش رديف ”ته خوشي ٿي“ ڪان خيالن کي ورجاءُ ذريعـي زورائتو ڪرڻ جو اهو ڪم ورتو آهي، جهڪو ڪن واين ۾ ورجائيءَ ڪان ورتو اٿائين.

سرڪش وٽ اهڙا ڪيئي غزل آهن، جن جـي رديفن ذريعي سرڪش پنهنجي خيال کي زورائتو بنايو آهي مثلا ”غزل ڪيئن چوان“ ”ڪير ڪيڏي نه غلطي“ ”ته پوءِ آءُ ڏوهاري“.

سرڪش سنڌيءَ جو هيءُ مجموعو ”امن آب حيات“ اسانجـي دور ۾ سڌي اظهار جـي شاعريءَ جي شعبي ۾ هڪ نئين ۽ انوکي اسلوب سان آيو آهي. سڌي اظهار جـي همعصر شاعرن، محمد خان مجيدي، عبدالڪريم گدائي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولـيءَ ۽ خاڪي جويي کان مختلف نمونو Style ۽ اسلوب رکي ٿو.

سڌي اظهار واري شاعري، پڙهندڙن ۽ ٻڌنـدڙن تي فوري اثر ڪري ٿي. ان ڪري ان قسم جي شاعري سياسي تبديلين لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي، ۽ سرڪش جي شاعري جو واقعي اسان جي دور جي سماج جي سوچ ۾ تبديليءَ ۾ اهم حصو آهي.

تنوير عباسي
سرمد جو گهر خيرپور
۲۸- نومبر ۱۹۸۷ع

Scanned with CamScanner

امن ڏاران عبد......!

سيتا روڊ جي ايرندي ۾ پنجن ڇهن ڪلوميٽرن پنڌ تي پيچريءَ لڳ پليپوتن ڳوٺ پرسان هن ماتا ڀوميءَ تي ڀيرين ڪرڙي هڻي هيم، ناناڻڪا ڪڪاوان منجهه جو آتي هئا. تن ڏينهن سونهاري سنڌ تي انگريزن اڃي قبضو ڪيو هو جن کان اڳ ۾ هتي ٽالپرن جي وڏيراشاهي هئي جن سنڌ ڌرتيءَ جي ڳپل حصي کي اناج اپائڻ بدران ڪٽي پنهنجو شڪار گاهه بنايو هو. اهڙن عياشي حاڪمن جي پڇاڙي ائين ٿي ٿيندي آهي جو سندن عورتن جا ڳهه ڳٺا به لاهي کين ذليل ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ سنڌي ماڻهن جي هن ماتا ڀوميءَ تي صدين کان وٺي اڄ تائين ٻاهرين ڌاڙيلن يا گهلرن جي ڦرلٽ پئي رهي آهي. سڀ کان ڀيريون انگريزن دڪانداريءَ جي ويس ۾ اچي هن نندي کنڊ جي هڪ نالائق مغل حڪمران کان اجازت وٺي اچي پير کوڙيا ۽ پوءِ هوريان هوريان ويا ملڪ ۾ پکڙبا، تان جو سنڌ ۾ به اچي خيما کوڙيائون. نااهل ٽالپر حاڪم پنهنجي پنهنجي ذاتي بچاءَ کي ڏسندي ويا انگريزن جا هٿ مضبوط ڪندا ۽ هڪ ٻئي تي آچلون ۽ اهلون ڪندا ۽ نيٺ تاريخ پنهنجي آئل پٽل ڪاڏي. هنن جڏهن هتي جي مسلمانن ۾ مذهبي ويڇا ۽ اڻ برابريون ڏٺيون تڏهن اهڙين حرامپاين کان هٿي وٺندي پنهن جي عيسائي مذهب جو بنياد وڌائون جيڪو اڄ سوڌو پيو وڌي ۽ ويجهي. انگريزن کي جيستائين وقت ۽ سازگار حالتن هتي رهڻ ڏنو تيستائين ته رهيا پر جڏهن حالتن ۾ تبديلي ڏٺائون ته هتان راهي ٿي ويا، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي مذهب کي ڇڏي. مو ڳا هئا هتان جا ماڻهو جن انگريزن جي واپسي يا موٽ ۾ پنهنجو موٽ نه پر جياپو ڳوليو. جيڪو ويچارن کي نصيب ٿي نه سگهيو ۽ ڪنهن نه ڪنهن طرح متن اهڙن ٿي ڌارين جو قبضو اڳي کان اڳرو ٿيندو رهيو.

سنڌ ته ڇا، سڄيءَ دنيا جي مظلوم قومن کي امن سان اڳتي

وڌڻ ويجهڻ کان روڪڻ لاءِ بي امنيءَ جو چار وڇايو ويو آهي ته جيئن اهي محڪوم ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي ڪم آڻي قابض يا ظالم قوم کي اڳتي وڌڻ ۽ وڌيڪ ڦرمار ڪرڻ کان روڪي نه سگهن ۽ سندن هٿن مان پنهنجي ترقيءَ جا ذريعا ڪسي نه سگهن.

سک ۽ سلامتيءَ سان گذارڻ هرهڪ ماڻهوءَ جو پيدائشي حق آهي. جڏهن ماڻهوءَ کي سلامتي ۽ سک ميسر هوندا تڏهن ئي ته سندس تفريح لاءِ تفريحي ادب (شاعري، ڪهاڻيون، ناول، ڊراما، فلم وغيره) جي گهرج پوندي. پر جنهن ماڻهوءَ جي گهڙي گهڙي گهاءَ هجي پوءِ اهي گهاءَ ڪهڙي به هٿيار سان ڪهڙي به دشمن کان رسيا هجن، گهاءَ اقتصادي هجن يا جسماني، ان لاءِ ڪهڙي تفريح ، ڪهڙو مزو؟ هن لاءِ سندس وجود ۽ سندس ڪٽنب جو وجود به اذيت ڏيندڙ بنجي پوي ٿو. ڀلا هڪ بيمار ماڻهوءَ کي راند روند، کيل ناٽڪ، راڳ روپ يا چرچي ڀوڳ مان ڪهڙي فرحت ايندي جيستائين کيس انهيءَ بيماريءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ دوا دارون نه ملندو ۽ هو چڱو ڀلو نه ٿيندو.

حقيقت ۾ ته سڃائي يا معاشي بدحالي جهڙو موذي مرض ته آهي ئي ڪونه، جسماني بيماري ته فقط انهيءَ هڪ مريض کي تنگ ڪري ٿي پر سڃائي جي بيماري ته سڄي ڪٽنب کي آپگهات ڪرڻ جهڙو ڪري ڇڏي ٿي. چئبو ته سڃائي جي بيماري جسماني بيماريءَ کان هزارين ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ آهي. تڏهن ته هڪ اڙدوءَ جي شاعر مرزا غالب چيئي ڏنو ته:

تنگ دستی گر نہ ہوتی "غالب"، یک تندرستی ہزار نعمت ہے

پيار محبت جيڪا ازلي شيءِ انساني فطرت ۾ سمايل آهي سا به سکئي يا بکئي پيٽ هوندي پنهنجي ڦوهه تي رسڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. پيٽ ڀريل هوندو ته پيار محبت ۾ مزو به ايندو. بک کان بيحال ماڻهوءَ کي ڪيتري به محبت ڏيو، پيار مان ڀاڪيون پايو ۽ چميون

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڏيو، عزت ۽ عظمت بخشيو. انکي اوهان جي انهن جذبن ۽ احساسن سان کابہ دلچسپي نہ هوندي جيستائين کيس ُبک لاهڻ لاءِ ہہ چار مانيءَ ِگراهہ نتا ڏيو. تڏهن تہ چيو اٿن ”پيٽ ۾ لـُلِ تہ ڳوٺ ۾ ُهل“.
چمين ۽ چپن ُچوسڻ ۾ برابر وڏو مزو آهي ايڏو مزو جو ڪائنات کان بي نياز ٿي وڃجي ٿو پر اڳہ چپن ۾ َست ُ ساهہ چمڻ چوسڻ جو هجڻ ضروري آهي.

هاڻي سک ۽ سلامتي تڏهن ميسر ٿي سگهندا جڏهن امن قائم هجي ۽ امن قائم تڏهن ٿي سگهندو جڏهن انصاف هجي ۽ انصاف وري تڏهن ٿي سگهندو جڏهن انصاف ڪندڙ ماڻهو خود غرض، لالچي ۽ مڪار نہ هجي. هتي جي سماج ۾ جيترو وڏو ماڻهو اوترو وڏو بدمعاش، بي انصاف، خود غرض ۽ مڪار آهي. هڪڙو سرمائيدار هزارن پورهيتن کي پيو پيڙيندو. ٿوريءَ مزوريءَ تي گهڻو وقت ڪم وٺڻ سان پاڻ تہ چا پنهن جي پوين سٽن پيڙهين لاءِ سرمايو گڏ ڪندو. جڏهن تہ پورهيت کي پاڻ لاءِ ۽ پنهن جي موجود ڪٽنب لاءِ نہ پورو کيو هوندو نہ پورو اجهو ۽ پورو علاج.

پورهيت جو ٻار بيماريءَ ۽ سچائي ۾ زندگيءَ جا ڏاڪا لتاڙيندو هلندو ۽ سرمائيدار جو ٻار جمڻ کان مرڻ تائين ڪارين، جهازن ۽ ايئرڪنڊيشنڊ بنگلن ۾ پيو رهندو ۽ عياشيون ڪندو تہ آخر ٻنهي ٻارن جي سوچن ۾ هڪ وڏي وٿي هوندي جنهن جي وچ ۾ ڪٿي خودغرضيون تہ ڪٿي نفرتون پريل هونديون. اهڙين حالتن ۾ سک ۽ سلامتي ڪٿان ايندا، امن ۽ انصاف ڪيئن قائم ٿيندو؟ ڪهڙي محبت ميٺ؟ ڪهڙو مزو؟ تنهنڪري تفريحي ادب تہ برابر انساني زندگيءَ جو حصو آهي پر انلاءِ سڀ کان اڳ ۾ اقتصادي انصاف حاصل ڪرڻو پوندو ۽ استحصالي قوتن جو بهادريءَ سان لاڳيتو مقابلو ڪرڻو پوندو. جڏهن استحصالي َسگـهہ ڦاڻ ٿي پوندي ۽ هڪجهڙائي جي بنياد تي هڪ پاڪ صاف معاشرو قائم ٿيندو تڏهن وچي تفريحي ادب ڪم ايندو.

منهنجي ڪسي ٿڪي شاعريءَ ۾ احتجاجي يا شڪايتي پهلو ٻه انهيءَ ڪري گهٽ آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه هڪ مرض ورتل معاشري ڪي انهيءَ مرض کان ڇڏائڻ لاءِ هڪ ڪوشش آهي. ڪي دوست مونکي پلي ايڪسٽريمسٽ (انتها پسند) سڏن، پر ڪين خبر آهي ته اسان جاندار يا بيجان شيءِ ڪي جڏهن ٻه ڪو هلڪو يا وڏو ڏڪ هڻندا آهيون ته اها شيءِ دانهن ڪندي آهي پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان انجي دانهن ڏانهن ڌيان ڏيون يا نه ڏيون. هتي ته ماڻهن جي دانهن تي ڌيان نه ٿو ڏنو وڃي. مثلا هڪ وڻ کي اوهان ڪهاڙيءَ جو ڏڪ هڻو ته ان وڻ مان دانهن جو آواز نڪرندو پر اسين ظالم انڌي خيال نه ڪندا آهيون. مان ٻه ته انهن مظلوم فردن مان آهيان جنکي ڏڪ هنيا پيا وڃن اهي دانهون پيا ڪن.

منهنجي شاعري الهامي نه آهي. هائو مان الهامي شاعر نه آهيان. اهڙو الهامي شاعر جيڪو هڪ سنواريل سينگاريل ڪمري ۾ ويهي تفريحي ادب لکي. نه وري اهڙو الهامي شاعر آهيان جيڪو هڪ ٺاهوڪي ڪمري ۾ ويهي شراب ڪباب کائي پي ڪنهن اهڙي ٻکي اڌ ننگي نياڻيءَ جي ڳالهه ڪري جنهن جنوريءَ جي چاڻو پارن ۾ وسندڙ مينهن جي سختيءَ کان ٿڙڪندي اگهاڙي پيءُ جي پاڪر ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ پناهه ڳولي هجي ۽ پيءُ اُگهي ويو هجي!

مان پاڻ پيڙهيل پورهيت ڪٽنب مان آهيان. ڪڏهن سک جو ساهه کڻندي ٻه نه ڪڏهن سگهيو آهيان ڇو ته اهو منهنجي ڪٽڻ کان گهڻو ڳورو آهي. منهنجي شاعريءَ جا اڻوندا لفظ، اپريل احساس ۽ جذبا ڪنهن ٻه وڏيري، پير، ملان، سيٺ ۽ ڪاموري ڪي مون تي ڇڙائي سگهن ٿا. ڇو ته اهي سڀ ماڻهو عام ماڻهن جي اقتصادي بدحالي ڪرڻ جا ذميوار ۽ هڪ ٻئي سان ساڙيا گهاٽيا آهن. وڏيرو چاهيندو ته سندس ڪڙمين جا ٻار ٻه اڻ پڙهيل هجن ته سندس ٻارن اڳيان ٽانڊو ٽوپي ڪندا رهن ۽ پيرين پوندا رهن يا بيگرون وهندا رهن. پڙهي پوندا

ته ڪير اهي ڪم ڪندو؟ پير صاحب کي به اڻ پڙهيل مريد هوندا ته پڻون پارهن- پير صاحب اندر گهر ۾ اچي لئي سان ويهندو.

ملان ته وري آهي ئي گڏي لاءِ ۽ پن جي مانين تي سو اهو به وڏيري ۽ پير صاحب جو پرجهلو هوندو. سيٺ کي به اڻ پڙهيل سستا مزور کپن، پڙهيل ته پاڻ ۾ پڌي ڪري سيٺ کي هيٺ ڪري وجهندا نه! باقي ٿيو ڪامورو سو ته گذاري ئي رشوت تي. اها رشوت گهٽي پاڳي ڪيس هوندي يا سرنديدي واري وٽان ئي حاصل ٿيندي. يا ٿوري ٽڪي رشوت وري اڻ پڙهيل ماڻهن وٽان ملنديس. تنهن ڪري اچوڪي ڪاموري جو گهڻو حصو به بي امنيءَ لاءِ جوابدار آهي. انگريزن جي وڃڻ ڪانپوءِ خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪي حرامپايون ڪامورن ڪيون، انهن جي خبر انهن غريب سنڌي ماڻهن کي آهي جن جون هندن کان خريد ڪيل زمينون رڪارڊ هوندي به ڪامورن، آيل هندستاني ماڻهن کي ڪليمن ۾ ڏيئي ڇڏيون. مطلب ته:

نه گهٽتائي منجهه گهوٽ نه ڪمي منجهه ڪنوار.

اهڙين حالتن ۾ جنم وٺندڙ هڪ حساس، امن پسند ۽ محبتي ماڻهوءَ کي پاڻ تي عائد ٿيندڙ اخلاقي، انساني ۽ قومي فرض کي ادا ڪرڻ لاءِ بندوق نه ته به قلم هٿ ۾ کڻڻو ئي آهي. اهو قلم هڪوار مظلوم ذر جي ماڻهن کي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف کڻڻ لاءِ ضرور اپاريندو پر ان جي نتيجي ۾ جيڪو امن ۽ انصاف قائم ٿيندو سو جٽادار هوندو. تعليم وٺڻ ۽ ڏيڻ جو مقصد به ته اهوئي آهي ته نه ڪو پرائو حق ڪسجي نه ڪو پنهنجو حق ڪسائجي. مان به انهيءَ لاءِ تعليم ورتي ۽ تعليم ڏيڻ جو فرض پنهنجي ڪلهن تي کنيو. سروس جا چوڏهن سال پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ تعليم ڏيندي پورا ڪيم. جسماني صحت ۽ آزاديءَ جي کوٽ سبب رٽاير ڪيم. وت ۽ وس آهر صحت ۽ سوچ کي استحصالي قوتن خلاف ڪم آڻيندي ڏرتيءَ تي امن قائم ڪندڙ سگهه کي ست ڏيئي رهيو آهيان ته متان امن قائم ٿي سگهي، سچو پچو امن. ته جيئن انساني زندگي کي بقاءُ ۽ خوشي حاصل ٿي سگهي.

منهنجي هن ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن پورهيت جي ٻنهل پار جي مُنهن تي اڏو گابري مُرڪ تري پئي ته به ڪٿير!

هن ڳٽڪي ۾ اهڙن بيتن، واين ۽ غزلن کي آندو ويو آهي جن ۾ استحصالي قوتن جي ڏس سان گڏ انهن کي اهڙين حرڪتن کان باز اچڻ لاءِ قومي ۽ بين الاقوامي طور تي خبردار ڪيو ويو آهي. ٻيءَ صورت ۾ ڦُريل ماريل قومن جي فردن کي انهن جي خلاف گڏجي اٿي کڙو ٿيڻ ۽ مقابلي ڪرڻ جو گس ڏنو ويوآهي ته جيئن اهي پنهن جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ۽ پنهن جي ايندڙ نسلن لاءِ وڌ ۾ وڌ امن سان ڀرپور معاشرو قائم ڪري سگهن.

اڄان ڀاڻ پورهيت ۽ هاري نه جاڳيا
ته قسمت جي هٿ ۾ ٺئو ٺيل هوندو.

سرڪش سنڌي لاڙڪاڻو



Scanned with CamScanner

*

امن جو اڀياس ، ڪجي عشق عقل سان ،
سرءُ ۾ سرھاڻ جا وڻبا ڪتان واس ،
اٿي ويا احساس ، ته ماڻھو مرون ليکبين .

*

ھٿ ھٿن سان ھاءِ ، دليون دلين سان ميلجن ،
بي امنيءَ جي باھہ ۾ ، ڪانھي جيئڻ جاءِ ،
ايلي امن لاءِ ، آتو سڀ عقل ڪٺي .

*

امن ڏاران عيد ، اُڪي عاشورا ،
سيئي ڏينھن ڏھينءَ جا خوشي ڪانہ خريد ،
چٽي ڏاريون ديد ، تہ آھي عيد امن سان .

*

آھي عيد امن سان ، امن ڪي آڻيو ،
جوڀن ۽ جيون ڪي مؤجن سان ماڻيو ،
تن اتي تاڻيو ، جتي امن آسرو .

*

امن آھي چانوَ ، ڏرتيءَ جي ويل ۾ ،
ٻريل ٻاريل ھانوَ ، ٿڪل پل ٿدا ڪريو .

*

امن سان انسان ، ٿيندو آسودو ،
نہ تہ ناسودو ، اوڏو ڪين امن جي .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

*

تون امن جــي لاءِ ، امن تنهنجي لاءِ ،
جذبـو رکي جـيءَ ۾ ، وڏي همٿ وڏاءِ ،
پورا آئي پورل کـي ، پري پاڪيون پاءِ ،
جيءَ ۾ ڏيئي جاءِ ، جانب کـي ويهارجي.

*

ڪنهن بي امنيءَ کي ، ٻيهڻ نه ڏيو پـر ۾ ،
ڌريو ناهي ڌرڪـو ، پهڻ پاڻيءَ تـي،
جيئڻ گهرو جـي ، آئو ويهو امن سـان ،

*

امـن بنـا آهـ ، ويهڻ آٿي ويـل ۾ ،
پاڻ پٽـي کي ٻاهـ ، سازينـدي نه سمو وٺي .

*

هرڪو هانءَ ڪڙهي ، آئي امن واسطي ،
پنا پيار پريم جـا ، پاڙهـي ۽ پڙهـي ،
چري چوٽ چڙهي ، ماڻهو پنهنجي ماڳ تي.

*

چڱي پيار پريم کـي ، ڏيڻ ناهـ پٽـي ،
رکڻ سڪ سرير ۾ ، سيـن لاءِ سٽـي ،
جيـون ريءَ رهاڻ جي ، پـريل جيئڻ بـٺي ،
آها منـد مٺـي ، پنيءَ آڇليو پيار جنهن .

*

امن منهنجـي لوڙ ، امن تنهنجـي لوڙ ،
ڪوري ڪـڍ وجود مان ، ويڇا ۽ وڳوڙ ،
جهڙي هٿن جوڙ ، اهڙي شيءَ نه اڻ ملهي.

*

امن اربيلو، اٿئي ان کي آڌجي،
دودا ڏيپ ڏڪار کي ٿڏي ڏي ٽيلهو،
منهن ڪري پيلو، بي امني پڇي وڃي.

*

امن اربيلو، اٿڻ ويهڻ ان سان،
اربيلي کان اوپرو، ڳوڙهو ڳهيلو،
محبت ۾ ميلو، اربيلي سان عام ڪر.

*

امن اهڙو ڏانءُ، جنهن سان سونهن سجائجي،
انهيءَ جي احساس سان، دل جو پرجي ٿانءُ،
امن جهڙو نانءُ، اوچو ناهه جهان ۾.

*

ڪر نه ڪٿي ڪات، ڪٽهن ڪنهن ڪياڙتي،
واڳون ڳوڙ وڳور جو، مور نه پئي وات،
امن آب حيات، پيئڻ سان پر ڏسي ڏسو.

*

پيئي ويرهه وڳوڙ، ويري خير خوشيءَ جا،
اچا پائي عيد تي، چوٿو هارين ٻوڙ،
امن رئيءَ اجهو تڪڙ، ٻهه مان وٽڻ نوڙ،
پائو تيءُ پلوڙ، اکيون ڪر امن ڏي.

*

گهر گهر ۾ ڏيئو، آئي ٻاريو ٻاجهه جو،
اکيون پائن عشق مان، ليئي تي ليئو،
پيگ پري پيار جا، پيئو ڙي پيئو،
باقي نه رهي پوءِ، جو ساهن ۾ سيئو،
جيئرو جيئو، امن آڻيو ايترو.

*

امن پرسان آهه، ته اڄ آمرن تي وڃين،
جيون ڪي جتاءُ، آهي امن آسري،

*

ائين عزرائيل، ٻيئو ٿو ٻغليون هڻي،
جاچيندي جهان جي، فنا جو فائيل،
آهين جي اصيل، هٿي ڏي نه هن کي.

*

امن جن ماريو، لالچ جي لانچر سان،
تن کي تن جي حرڪتن جڳ نه جيئاريو،
ماڻهن پڪاريو، اهو نانءُ نفرت سان.

*

امن اجاريو، جني جان ڏئي،
تني کي تاريخن، ڪلهي کڻي ڪاريو،
سنورو سنواريو، امن جي آڌار سان.

*

امن ۽ ايمان، سڳا پائر پاڻ ۾،
ملن جڏهن ماڳ تي، اجرو ٿئي انسان،
تباهي تاوان، ڏيئي نه سگهي تر ڪو.

*

امن ۽ ايمان، ٻنهي جي هڪ ماءُ،
مرڪي ملن پاڻ ۾، ته سرجي پوي ساءُ،
سونسو ۽ سوداءُ، سهڪي نڪرن ساهه مان.

*

امن ۽ ايمان، سورهيه سپاهي،
اٿن جي اڏول، ٿئي تاوڻ تباهي،
واهر ۽ واهي، آهن ٻئي انسان جا.

Scanned with CamScanner

*

ٿي پئي انسان، منهن ڏوڻي ميرانجهڙو،
امن ۽ ايمان، سوچ سگهيرو آڻ تون.

*

امن ٻنا اڄ، ٻڏي وينديون ٻوڏ ۾،
پيڄڻو ائين پڇ، نه ته ٿي آڻ امن کي.

*

امن هجي حال، امن آئيندو،
پاڻيءَ جي بند کي، پاڻي پائيندو،
ڪٽيندو ڪائيندو، ڪهڙ آهي ڪوڙ جو.

*

ڪاڏي وينئي سوچ، الاڙي انسان جي!
ڪي سيد، ڪي سمات، ڪي ٻانيڻ، ڪي ٻروچ،
لوڙيائون نه لوچ، ٿي ڪڏهن امن لئه.

*

اندر ڪر عرفات، ڀٽريون هڻ پليد کي،
ويهاريئه وجود ۾، جنهين ذات ۽ پات،
تيلي هڻ طبقات، ساڙي چڏ سماج کي.

*

حقيقت ۾ هڪ آهين تون اصل ڪان،
هميائيءَ جي هول سان، جيءُ نه ڪر جاجڪ،
ٽيري اچي ٽڪ، ماڻهپي جي منهن ۾.

*

امن ريءَ انسان جو، جيئڻ آهي جٺ،
ڪاڏي مٺيءَ مٺ، ڪاڏي سوڙهه سمنڊ جي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

امن ريءَ انسان ، جيئن بوءِ بنا ڪو گل ،
پوي سانت سڪون ۾ ، هوڏ ٻغاغو ڳل ،
نلهو وارِيءَ ٿل ، اڃي ڪين آڏڻ ۾ .

*

عمر اوندهہ ٻاٽ ، امن ريءَ انسان جي ،
ٻارج انهيءَ ٻات ۾ ، لاٽ اوچي لاٽ ،
راهي رلن ڪين ڪي ، ونن سڌي واٽ ،
اٿي ڪر اچاٽ ، اڄ ٿي انڌ انڌير سان .

*

اڄ ٿي انڌ انڌير سان ، جوڌا اٿي جهيڙ ،
امن ءَ انصاف ڪي ، ٻيو دست پڪيڙ ،
ريت پريت جي رستي تان، ڪنڊا ڪوڪا ميڙ ،
روڪين جي رڪاوٽون ، ٽڏا هٽي ٽيڙ ،
بي امنيءَ جي باهہ تي ، ڇوهہ ڇنڊا ڇيڙ ،
اهڙي ڪيتي ڪيڙ ، پوکون پڇن پيار جون .

*

پوکون پڇن پيار جون ، ڏوليا ڏٺي ڏيهُ ،
سموري سنسار مان ، ڀڄي وڃي ڀؤ ،
ٿر نہ اڃي ٿؤ ، سڄڻ جو ساڙي وڃهي .

*

سڄڻ جو ساڙي وجهي ، ساڙ انهيءَ ڪي ساڙ ،
نفرت جي نظام جو ، ڦيڦو جگر ڦاڙ ،
لاڙا ڏيئي لاڙ ، محبت پاسي من ڪي .

*

محبت پاسي من ڪي ، موڙي آءُ محبوب ،
ڪجن ڪين ڪسوب، ڪڏهن ڪٿي ڪنهن سان.

Scanned with CamScanner

*

ڪٿي ڪڏهن ڪنهن سان، ڪُڌت ٿئي ڪانه،
هڪ جهڙا هر هڪ ڪي، حق ملن هان،
آجرا ٿين انسان، سچائيءَ جي سونهن سان.

*

جرڪي پوي جڳ ۾، سچائيءَ جي سونهن،
ساڳي روح ورونهن، وري ويڙهن ۾ اچي.

*

وري ويڙهن ۾ اچي، محبت مزو ميٺ،
نفرت هر نگاهه ڪان، نڪري وڃي نيٺ،
سڀڪو ٿئي سيٺ، سڪ سچ ۽ ساڻ سان.

*

محبت ميخانا، جڙن پيا جڳ ۾،
نيڻ رهن ڪينڪي، نينهن ڪان نمانا،
دانا ديوانا، ڌرائن پيا دل لڳيون.

*

من بنا محبت جي، جهڙي بيئل واڄ،
جيون هن جرڪٽي ڪي، ڪرندي ڪر نه ڪاڄ،
ڏنو سر ڏياڄ، چاهت واري چنگ تي.

*

گهڙي گهڙي گلاب، ساعت هر سرهاڻ،
هرڪنهن ماڻهوءَ هٿ ۾، قربن جو ڪتاب،
ناهي ڪو جواب، امن ۽ آرام جو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

ڪِنُ ۽ ڪينو، ساڳي بڻ بنياد مان،
ٻئي ڪڍي ٻاهر تون، صاف رکج سينو؛
ڪندو ڪمينو، ڪينو دل دماغ کي.

*

امن ايمـــان جو دشمن استحصـــال،
پورهيت کــي پيڙهڻ جو اگرو استعمال،
ويڙهـــي ويڙهيچن جـي تـي وڏيرو وبال؛
هجن حق بحال، امن ڪري آجيـان.

*

امن اچـي ڪيئن، ڦورن جـي ڦرلٽ،
ڪُٽِ نہ منجي سون ٿئي، سون نہ ٻڌجي ڪٽ،
گهو گهو ڏيئي گهٽ، گهٽي جيڪو امن کي.

*

هر ڪنهن کي ڏي حق، آهين عبدالحق جي،
ايءَ نہ ائٿي داڌق، ملي ويئہ تہ موج ٿي.

*

ماڻهو تون مڪڻ، گهوري ڏس نہ ڳنڊ ڏي،
ڪن ۽ ڪريتيءَ ۾ ويهـــي هٿ وجهڻ،
ڪنهن جو حق هڻڻ، سونهين ڪين سڄڻ تو.

*

سون، سونهن ۽ سچ، ٽيئي ملهائتيون،
سچ جو آهي ڳچ، ٽئي مان ٻنهي کان.

*

سچ ۽ سچائي، امن جا اهڃاڻ بڻجن ٿا،
امن ايندو پاڻ، ڪنهن سان ڪجھ نه زيادتي.

*

امن الاڙي، آڻي ڏسو ڏيھ ۾،
ويھو ڪين ويرھتا پاڳن تي ڀاڙي،
سوچ ڪيو سرمان جا سيني ڪي ساڙي،
اوڙي ۽ پاڙي، وڃن خوشيون ورهائجي.

*

ترتيءَ تي ڏنوان، امن کي اونڌو ڪيو،
مذهب ويڙهائي وڌا، اڌورا انسان،
الف نه ڇيو انهن کي، پلا ڇو پڳوان،
اندر ۾ ارمان، آهن انهيءَ ڳالھ جا.

*

پيليءَ تي ٻاجھ ڪري وڌيرو وٺواند،
ٻيھر جهلي ٻير ۽ ڏيـي پوي ڏانڊ،
مٺان پنهنجو پاند، ڏنو ڪرين ڏيھ ۾.

*

هو جو چڏي هٿ، حاڪماڻو هيٺ ٿئي،
ڏکئي هن ڏيھ کي ناھوڪو ٿئي نٿ،
مگر اهو مٺ ڪيئن ٿو سون سچو ٿئي.؟

*

ٻنگن جي ٻنگاڻ ۾ وڌي وجهو ڏاھ،
پيو نه ته پيڙا ۾ پورهيت ٿيندو پاھ،
پاڻي اوڏي پرتبو جاڏي لهور لاھ،
مٺان کو ويساھ، ڪريو ناھ نڳيءَ تي.

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

*

دنيا تتل ديگ، ٻوٽيون ٻوٽيون آءٌ،
وڏيريءَ وهاڻءُ، پورهيت پئي پرزا ٿئي.

*

پورهيت پئي پرزا ٿئي، مرڪي وڏيري،
ڳيري مٿان ڳاٽ رکي، ڳٽڪي پئي ڳيري،
مري پئي ميري، ته به اجرو رکي امير کي.

*

ڪڙميءَ جي کھول کي ويڙهي ويو ويل،
رڳن منجھه رت ڪڙهي، جئن ڪڙهائيءَ ۾ تيل،
اکين ۾ اڻ کيل، سانڍي پيو سمنڊ کي.

*

اکيون ايو ڳيون، ڪڙميءَ جي کھول جون،
مونجھاريون مو ڳيون، آسوديون نه عيد تي.

*

ڪڙميءَ جي کھول جا اگھا اگھاڙا انگ،
اٿي جنهن اپاريا سونا سونا سنگ،
پيٽ لڳل پنيءَ سان ويلن وڌا ونگ،
جھڙا ڏينهن ڏنگ، تھڙا ڏينهن ڏوٿين جا.

*

ڪڙميءَ جي ڪکن ۾ نه ڪا سونهن نه ست،
ملي ڪانه مهل تي پيٽ جي پٽڙو پٽ،
ويچاري وجود تي ڏکن ڪيو ڏت،
پنگو پاڻيءَ رتُ، جڙي پيو جسم ۾.

❋

پورهيت جي پاندن ۾ پيڙائي پيڙا ،
ويچارن وجود ۾ ، اوتيل اوسيئڙا ،
درد اٿين دل ۾ جيئن ڪن اندر ڪيڙا ،
پرڻ ٿيا پيڙا ، سڪ نه آئين سامهون .

❋

هڪ پورهيو پيو پور ، پورهيت پتو پاند ۾ ،
ايڙئي لٿي اٿي لئه ، چڪيو چڪنا چور ،
سيني ۾ سٿيون وتي ، سورن مٿان سور ،
اهوئي اڻ پور ، سموري سماج ۾ .

❋

هي پي کو سماج، جنهن ڪنگ ڪرڙيءَ کي ڳهي،
ڳيجهو ڏسڻ ڳوٺ کي رئيسن رواج ،
انهيءَ جو علاج ، آهي اشتراڪ ۾ .

❋

پورهيت بنا ڏيهه ، وک نه وڌي هيڪڙي ،
هٿن هڻي هند ڪيو ، سينگاريو ساڻيهه ،
وڌي اچي ويهه ، سونهن جي سرجڻهار سان .

❋

پهچي ويو پساهه ، پورهيت سندو پيار ،
ڪٿان اچي ڪکن کي پڙڪي لڳي باهه ،
نبيرڻي ناهه جو اٿي پوي آسرو .

❋

وڏجي پوي سيمٽ پورهيت جي پڪار سان ،
اچي آريءَ هيٺ ، ساڻو بند سرينهن جو .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

جيئڻ جي جنون، جنجل وڌو جيءَ کي،
ايڪتائي اڻ لکي، گوندر گونا گون،
خوشين سندا خون، ڏاڍائيءَ جي ڏيھ ۾.

*

پري آهــي پنڌ، پيو نہ رهہ پير تي،
ڏکئي هن ڏيهہ ۾، ڪيئن ڪٽنديِن ڪنڊ،
اڻٽي ڏاڍو انڌ، پورهيت پاڻ پتوڙ تون.

*

تون پيو چوين هاڻ، ٻاڙو رکي پوءِ ڪان،
ڪبڙخان ڪٽي ويو، ڪوڙي سچي ڪاڻ،
ٿيندا رتوڇاڻ، پيا گا تنهنجا پيلجي.

*

جيئرا پاڻ نہ جڳ، سستي جني ساڻ،
ڏوڙ نہ ڏينديِ ڏرتي، جي انهن جو اهڃاڻ،
پتوڙيو جن پاڻ، مٿي ٻڌن موڙ سي.

*

سچا ساهہ نہ پٽ ڏاڳن منجهان ڏوڙ،
ساگر ۾ سنڌوءَ جو چورا آهي چوڙ،
سرلا سٽين چو نٿو، گونجارن جو گوڙ،
طلبين پيو توڙ، تہ تکو هلج تير ڪان.

*

ڪالهوڪو ۽ اڄ ڪين برابر پاڻ ۽،
وکين پنڌ نہ پورو ٿئي، پنلي وانگر پيچ،
روح ڪري ٿو رڄ تہ رليو هلج راڄ سان.

Scanned with CamScanner

*

وڻ ويڙهي ويٺي ، ويڙهي آهه وجود کي،
وڏيري جي وجود ۾ ، وڃي ويا ڪيئي ،
اچو اشتراڪ ڏي ، سمجهو سيبئـــي ،
آهي اتيئــي ، ٻچڻ پنهنجو بک کان .

*

اهو اشتراڪ ، شرح آهــي شريعت جو ،
ڇٺون ڳالهه ڇڏي ته ڇڙي پيو ڇالاڪ ،
اٽس هڏ حرام جو ، حرام تـي هيراڪ ،
تياڳو ناپاڪ ، انـــدر ارادو رکـــي .

*

سياڻا ڪولي سڙهه ، ڪشتي آڻ ڪپر تي،
ماڻڻ لاءِ ماڳ جي ، اٿي اڳتي رڙهه ،
ويهڻ سان تون وڙهه ته ٻچي پڻين ٻکن کان.

*

آهي ويل وهي ، امن ريءَ انسان جي ،
ناحق نوند نوان ، سگهبا ڪيئن سهي ،
ٿئين نيٺ تهي ، آئيندي امن کـــي .

*

وڏو ويري امن جو ، آهــــي وڏيرو ،
پاڳيءَ لڏو پاس انهيءَ پيراڻو پيرو ،
ساڳئي سٽ سلهاڙيل ، سيٺيو سگيـرو ،
ڪاموري جو ڪڙم انهيءَ ڏي پيري تي پيرو،
ننهن ڪان ڇوٽي تائين مولانا ميـــرو ،
گيرت ۾ گيرو ، پورهيت ڪڙمي پيڙبو .

Scanned with CamScanner

*

ڪهڙي ڪهڙي امن ڪي جهوريو جهوراڻي ،
هڪڙي پيري پير جـــي پيو ملان موراڻي ،
ٻـــي روش رئيس جي ٿي ٻي امنـــي آڻي ،
چوٿون ڪيس ڪلور ڪيو ، ڪاموري ڪاڻي ،
سينٽـــي ساماڻي ، امن اجـــڙ تـــي ويو .

*

امن ائين اچـــي ٻڌي چڙ ٻـــه ڳالهڙيـون ،
مـــان مڙنـــي ماڻهن جـو ٻنا خرچ بچي ،
حق نـــه هڪجي هڙپ ۾ محبت موُج مچي ،
تڏهن ڏرت ڏچي ، ڏيئن نه ٿينـدي ڏيهه ۾ .

*

نه ڪو سيٺ نه هيٺ ، سيئي پورهيت پاڻ ۾ ،
ويهي ڪاڻڻ واري تـــي ، ڦيري ڦيرى هيٺ ،
اولهه اوڀر عام جـــي ڏکڻ اتـــر ڏيٺ ،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ميٺ ، ڪنهن تي ڪونه اڌامرو .

*

چـــاجو نـــانءُ نواب ، چاجي نوابـــي ،
هر ڪو ماڻهو هتـــڙي ، آهي گل گلاب ،
ٻين ڪان وٺن ٻيلپو ، ڪهڙو چوي ڪتاب ،
هڪڙوئي حساب ٻيلـي سڀ سماج جـــا .

*

هي جـــي سيئي هڪ ، هڪڙو منجهن ساهه ،
ڪو رئيس نه ڪو راهڪ ، ڪو نوڪر نه ڪو شاهه ،
ڪو اٿي ويٺي عيش ڪري نه ڪنهن جو پلپل پاهه ،
جڙتو هـــن جهان ۾ ، نڳـــي وارو نـــاهه ،
سمجهن سڀ گناهه ، تـــه امن آهـــي اوڏڙو .

*

ڪوئي ڳهمي ڪار ۾ ، ڪوئي سهڪي پنڌ،
ڪنهن جي خاطر ڪوفتا، ڪنهن لئه رب ڪي رنڌ،
ٻيلي اها ٻنڌ ، ٻچي ٻوندي ٻور ٿـــي .

*

ڪنهن جو ڳهرڪروڙجو، ڪنهن جوڪانا ڪک،
ڪو اوباري اڇلي ڇڏي، ڪنهن وٽ ٻڪي ٻک،
ڪو ته اڏائي لک ، ڪو رپئي لئه رڙندو وتي .

*

اهو جـــي انـداز ، اڇوڪي اميـر جو ،
اپري پونـدا اوچتو ، گهر گهر مان آواز ،
ونو وڏن ماڻهن کـــي ، جنين نائي ناز ،
ائين ٿئـــي آغاز ، ٻورهيت انقلاب جـو .

*

فاقن جـــي ڦتوڙ ، اٿـــارينـدي آدمـي ،
چڙهي ويندو چوٽ تـي پاڻي ٻيرن ٻوڙ ،
محلاتن جا موڙ ، لڙهي وينـدا لهر سان .

*

پلـــي لڙهي ليٽ ، لوڙهنـــي محلاتون ،
ٻڙي ڏين ٻين کـــي ٻڌن سڪا ٻيٽ ،
ٻچـرن وڏا پيٽ ، ٻورهيت انقـلاب سان .

*

اچـــي انقـلاب ، ٻورهيت ٻـڌي موڙ ،
ڪڙميءَ جو کهول ، جتـــي ڪٿي جوڙ ،
وني راهه وڳوڙ ، لهـــي ڏرت ڏيهه تان .

*

ٽوڙي هجي مرد ، ٽوڙي هجي زال ،
مٿي ناهي مان ۾ ، ڪوئي ڪنهن ڪان فرد ،
دل جو ساڳيو درد ، سڄڻ سڀ ڳالهه آ .

*

مرد ٽوڙي زال ، ساڳيو حق ٻنهي ڪي ،
مڙس مٿي هئڻ جا خلقي نه ويهي خيال ،
تڏهن مٽين مال ، ڪٺي ٿيندا قرب جا .

*

ڏاهو ٿي ڏاهو يا ڏس وٺ ڏاهي جو ،
هڪڙي پاسي هلي پئه نه ته ڪاڻ وڃي ڦاهو ،
ماڻهن ۾ ماهو ، وجهين چوٿو وير سان .

*

گوليون ۽ گولا ، بم ، ٻيلينڊز بمبار ،
ميزائيل مارٽر ، توبون ٽئنڪون ڏار ،
سڀئي آڇل سمنڊ ۾ ، هاڇيندڙ هٿيار ،
ڏاهڻ جي نه نام ڪر ساجن سڀ ڇمار ،
تڏهن منهنجا يار جيئرو رهندين جڳ ۾ .

*

گوليون گهڙڻ ڇڏ ، گلابي گل پوک ،
ٿي مالهي ڀاڻ موک ، ايندڙ ويندڙ واسجن .

*

هٿيارن تي هيئن ، ناڻو نه ڪر ناس ،
بکيا پيٽ پر اٽي ، ماڻهو مرڪن جيئن ،
بنا ڪاڏي ڪيئن ، هوندا ڪوڏ قرار ۾؟

*

جذبا جوش جوان، عمل سوچ سلهاڙجن،
امن آئت ۾ رهي، ماڻهو لهن مان،
اڙي! نہ تہ انسان، الجهي ويندا آڳ سان.

*

ويهڻ سان وجهيون، ڪٽ ڏونگر ۾ ڏارون،
ڦٽجي ٿين ڦارون، هٿ ۽ پير پهڻ سان.

*

سهڻيءَ جون سارون، سڏن پيون سير ۾،
ڪيڏنديون ڪيئن ٻڏيءَ کي ڪنڌيءَ تان ڪارون،
موڃن کي مارون، ڏي گهڙي بنا ڳهيڙ جي.

*

ائين اڻ تڻ امن جي، ڪل ڪي هجي ڪاش!
دلبر جي درواش، جيئن هجي ديدن کي.

*

وڏائي ويڙهي ڇڏيا ويڙهن جا ويڙها،
رڳجي ويا ريڙها، رتو وهت وجود سان.

*

ڪين جي ڪروڙ، هٿيارن جي هوڙ لئہ،
اڪ نہ ڪٽڻ انهن ڏي، جن ويلي لاءِ ولوڙ،
اڙي گردن ٽوڙ، ڪڙڪي پوين ڪنڌ تي.

*

ورتو ويسوري، سو ڳهو ڪري ساهہ ڪي،
پلپل پيڙ پچاءَ سان، پورن ۾ پوري،
الڪي سان اڪاءَ ڪيو، آئت اڌوري،
سچ ساءُ سڪ ڇڏيا، سنسار سموري،
ڳهرن گهائڻ لاءِ تو، دل ڳهرنڊڙ گهوري،
ايلي عاشوري، اندر رڌو عيد جو.

*

آئي ٿئي انجنيئر، توڙي وڏو ويڄ ڪو،
عالم فاضل ايترو، ڪنهن جو پئي نه پير،
سوڊو يا سرواڻ ٿئي، دولت، ڍيران ڍير،
ماڻهو سو مٿير، جنهن ۾ مٽين ماڻهپو.

*

اهو آ ماڻهو، جنهن ۾ مٽين ماڻهو،
جيءُ رکي جو جيءَ ۾ جهڙي تڙي جهڙو،
انهيءَ جو ڏيو، ڏس سموري ڏيهه کي.

*

ويڙهين سان ويڙها، وننڊا ڪيئن وجود،
ڪاٽين کهاڙين ڪٽنب ڪيئن نه ٿين نابود،
هٺ جو يار هنود، ڪڏي چڏ نه قرار ٿئي.

*

هڪڙو ٻئي جو ياءُ، هڪجهڙائيءَ سان هجي،
ڪيڏي چڏيو ڪلئي، وڏائيءَ جي واءُ،
ڪڏهن نه ڪڏهن داءُ، آئي ڪندو اوچتو.

*

ڪاڏي سوڙهه سمنڊ جي ڪاڏي واريءَ لپَ،
چڙ منجهان نه چورجن، چاهت وارا چپَ،
ڪينو ڪلفت ڪپَ، ڀلي وجهندا ٻئي ڪڏهن.

*

هاريو ڙي هاريو، ذري نه رکو زهر جي،
هڙئي آهيو هڪ مان، ڪونهي ڪو ڌاريو،
پاڻهي پنهنجو پاڻ کي، متان ڪي ماريو،
سيني ڪيني واري کي، سوڊيو سينگاريو،
اتي اڄ ٻاريو، گهر گهر ٻتي امن جي.

Scanned with CamScanner

✻

لک لهي ٿي لوڏ ، اصل کان انسان جي،
هاچا هٿندس هاڻ هي هٿيارن جي هوڏ ،
لوهن جي لپيٽ ۾ ڪُٽجي ويندا ڪوڏ ،
ٻٽجن سيئي اوڏ!، ته پائپيءَ جي پٽ ڪجي.

✻

اڃو ٿيون اوڏ! ، جي ٿاهين ٿي ڍاهين ،
تڏهن هڏ ساهين ، جڏهن جاءِ جڙي پوي.

✻

جڏهن جاءِ جڙي ٿيا سرها گهرواسي ،
آڏي وين اکين مان ، آيل اداسي ،
سيئي آساسي ، اڏي چڏيائون اوڏ کي.

✻

واندا ٿي وجود ۾ ويهي ويچاريو ،
اڏي ڇڏيو اوڏ کي جنهن اڏڻ سيکاريو.
پنهنجو يا ڌاريو ، اٿس ڪين اکين ۾.

✻

اڃهو اپريو سج ، اڃهو آسهي رات ،
رهندي پنهنجي راڄ ۾ نڪا ذات نه پات ،
مِٺي مساوات ، ايندي روءِ زمين تي.

✻

نه ڇڏ چوڪر جيئن ، ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ،
ڪنجهون ڪڙڪون ڪڙمن جون، ڪاڪا ويندين ڪيئن،
اندر ۾ الڪو اٿي ، سانڍيج ساهه سيئن،
امن ايندءِ ايئن ، جيئن تون ويندين امن ڏي.

*

ڪنهن ڪنهن آهي، ڪاڪڙو ڪيري وجهان،
ڏجهن ڪان ڏوريءَ جو ، ڏڏ نه اچي ڏانءُ،
هاريندس نه هانءُ ، سدائي سمجهائڻ ڪان.

*

جيسين ٿئي جيت ، ادا امن تنهنجي !
تيسين لکيا لوڪ لئه ، ڳلن جهڙا ڳيت،
دغائون ڏئيت ، پڇي وڃن پَرُ ڪري.

*

سامراجيءَ ست ڏرتيءَ کي ڏوڏي ڇڏيو ،
آڻن جيئڻ انسانن کي ڪنڪرين هٽي نٿ ،
امن کي اونڌو رکيئون بي امنيءَ تي هٿ،
ڪريو ڪائي ڪٿ ، ته سامراجي سڌو ٿئي.

*

سڌو سامراج ، ويري آ سماج جو ،
ويڙها ويڙهائي وجهڻ رلئي جو رواج ،
ڪيو ڪميٽي اڳيان ، اٿي احتجاج ،
ڳولين تي نه گذر ٿئي ، اپائجي اناج ،
اهو آ علاج ، امن آڻڻ واسطي.

*

ساڙيندڙيون سماج کي سامراجي سوچون ،
لچون ۽ لوچون ، آڻو سيئي امن لئه.

*

سامراجي سوچ سان ، امن تيندو ڇٽ،
ڪني اها ڪٽ ، ذري نه ڇڏ ذهن تي.

*

سامراجي سوچ جو سڄو ناهه سياءُ،
ڦوروءَ ڦر جي فڪر جو ڪيو آ ڦهلاءُ،
آئي وٺ آپاءُ، امن آڻڻ واسطي.

*

ڪيو امن اڦٽ، سامراجي سوچ آ،
ساڙي لوڙهج سير ۾، اٿي خوشيون ڪٽ،
ڳچي منجهان ڳٽ، ڪڍ ته قراري ٿئين.

*

رڪي آئو امن لئه، سيني اندر سوز،
راهوءَ جهڙا روز، ماريا ويندا ملڪ ۾.

*

ماريا ويندا ملڪ ۾ ماڻهو متيرا،
غريبن جا غمن ۾ ساڙي سويرا،
ڀڳڻ ٿيندا ڀلجي پيرن تي پيرا،
وينا وڃائيندا، ڇپيون وڏيرا،
وڙدي واهيرا، ڏاهيو بي امنيءَ جا.

*

واهيرا وڌي، ڏاهيو ٻوهه ۽ ڏاءَ جا،
پورهيت اٿي پاڻ ۾ ڪيو ڪا ٻڌي،
وڪون جنهن وڌي ڪنيون، لالي تن لڌي،
ڏڪن ۾ ڏڏري، جنهن ننڊ رکي نيڻن ۾.

*

ننڊ رکي نيڻن ۾ ماڳ پڇي ٿي،
ڪٽڙي ڪيس ڪلور ٿي، هڏ نه ڪڇي ٿي،
نه لوچي لڇي ٿي ته ماڻيندي ڪيئن ماڳ ڪي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

آئت ڙي آئت، آڻــي ڏيج امن جــو،
ڳيرو ماڻهو ڳڻول، رت ۾ ٿيا لت پت،
سري اچــي ست، بي ستي بڻـــن ۾.

*

ڳوماٿيا ڳنڍجو ته ڳهنگهر ڳومٽ ٻڻي وڃن،
سامراجي سوچ جي سرن ڪـــي سمجهو،
لوچيندي لهجو، آئت ڏيندڙ امن کي.

*

ستت مچ صلاح، سچڻ تون سڌير ٿـي،
بيڙي ٿي ٻڏي پئي، مڙسي ڪچ ملاح،
آهي ڪين الله، اوتڙ اوليـو ان ڪـي.

*

ڪڙمي جيئڻ قابو، هوندين قرض ڪڙول ۾،
سرهو هونـدو سولڱا، سرائـــي صابو،
بس نه ڪر بابو، اٿي ڏور امن لئه.

*

وڏيرو وڏوانڌ، اڻين نه آڻي امن کي،
پڪڙي ون پلانڌ، ته پيڙائون پچي وڃن.

*

واڪهو ٿي نه ويهه، اُٿـــي ڏور امن لئه،
تنهنجي ست سکيو ڪيو، سچوهي ساڻيهه،
هي انهن جو ڏيهه، هٿيو جني هٿ ۾.

*

هٿيو ڪري هٿ، هلائج هن ڏيهه کي،
سڪن مٿان سڪن کي، سچڻ بينو ست،
ڪا ته اٿـي ڪٽ ڳوماٿيا ڳڏي سيئي.

❊

سچو سرمايو ، تنهنجي ست ڏنو جني ،
اڄ اهو سيٺ ٿي ستائڻ آيو ،
ننڊ ڦِڏي نيڻن جي جاڳو جاڳايو ،
وري ڪو وايو ، اُٿي تنهنجي اوج جو.

❊

ٻيڙن کي ٻيڙين ، پورهيت ٻوڙ ڇڏ ،
ٻاڏهي ٻيو پاڻ کي ڪنڌ ٻر ڪيڙين ،
ڇوڙو هيڻن هيڙين ، هن جو هاڻ هٿ تي.

❊

وڻي وڏيرن کي نه ڏيو تڪبيرون ،
کسي وڻ خانن ڪان رُکو جاگيرون ،
تڏهن تعبيرون ، ماڻن خواب خوشيءَ جا.

❊

پاڻ ئي تون خادم ، پاڻ ئي تون مخدوم ،
موکو نه ٿي من ۾ ڪر مام اها معلوم ،
مرشد ٿيو معصوم ، مڏيءَ ميڙڻ واسطي.

❊

ڦاٽو آهه فقير ، فقر فقيري ڦير ۾ ،
ڦريون پٽ فقير جو ڦٽو ٿئي ڦير ،
پٽ وري ان ڦير جو اسري ٿيو امير ،
ماڻهو جن جو مال سو دم نه ٿئي دلگير ،
ناڻي مٿان ناز ڪري ، ڪٿي ڪر ڪٻير ،
رکي شر شرير ، غنڊاگردي ڦيو ڪري.

❊

غنڊاگردي ڦيو ڪري ، ڦيراٽو ڦوٽو ،
ٿوٿو ٿي تونو مرشد وٺان مريد کي .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

ڏاڏو ۽ پڙڏاڏو ميڙي ويو مريدڙا،
جھڙو سڏ سڏيندڙ جو تھڙو پڙڏاڏو،
ڏنُ اڳاڙي ڏيھہ مان گھلي پيو ڳاڏو،
مڏي جا مريد جي، مرشد جو ماڏو،
اچي پئي آڏو مت منجھيل مسڪين جي.

*

سائين ڪي سڄاڻ، مت منجھيل مريد تون،
مرشد مريدياڻيءَ سان ڪندءِ روح رھاڻ،
اکيون ڏسي اُچاتريون، اندر نہ ان ڪي آڻ،
”ٻورا سبندي اٿ رڙن“ ڇاڻ انھيءَ ڪي ڇاڻ،
ڇسو ٿي ڇاڪاڻ پاسو ورتئہ پير جو.

*

ڇاڻو ٿيءُ نہ ڇٽُ، پڙھہ تہ ڪو پتو پوئي،
مرشد آھہ مريد لئہ، ڦقڙ وارو ڦٽُ،
چريا ڪنھن چالاڪيءَ سان چين ڪندءِ چٽُ،
موڳو ٿي متان وڃين ڳولي ڳچيءَ ڳٽُ،
پيچ ڪري برپٽ، پاپي انھيءَ پير ڪان.

*

سادا ٿيءُ سڌيرُ، سمڪ رک سرير ۾،
پري رکج پاڻ ڪان، پنڙ وارو پير،
دغا واري ڪي سڏين، متان دستگيرُ،
زھر ٻڌل آ تيرُ، سينو جھل نہ سامھون.

*

ڏڏا وڻن ڏنءُ، انهن کھڙو آسرو،
پڻي وجهن پيٽ ۾ ، ابوجهن کان انءُ،
ڏند نہ ڏسجن تنهنجا، سنبرين جنهنجو سنءُ،
جيڪو چڻي ڪنءُ، ڪين هٿج ان سون ڪي.

*

جيون تا جهوريو، پنيان پيرن جي لڳي،
سياڻن جي صلاح ڪي تڪيو ۽ توريو،
سون اهو گهوريو، جوڪن چڻي ڇيهون ڪري.

*

ڇچائي جي پير، اڳل پڇائي پانهنجي،
رلي پني نہ پيٽ لئہ، در در دستگير،
قائم ناهي ڪير، تہ داڻن ڪيئن دلاسڙو؟

*

پري ٿي وڃ پيرا، ڏڪا نہ ڏي ڏيهہ ڪي،
ڪوڙيون اٿئي ڪرامتون، ڪوڙا دستگير!،
پورهيو ڪري پاڻ تون پيءُ پلي پيو ڪير،
اچئي ڪا تڪبير جو پنڻ کان پري ٿئين!

*

پورهيت! پنيان لڳ، ڪڏهن نہ ڪنهن پير جي،
ساٿي نہ ڪجي سفر ۾ ذڳي ويندڙ ذڳ،
سڌو نہ وڻي سيبتو، دشمن وارو دڳ،
ڦري ڦري ڦر ٿئي، گهٽو ان کان اڳ،
جاڳي پوي جڳ، تہ ڦرجي ڪو نہ فقير ٿئي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

ملان مچر چورَ ، پيشي ۾ پاڙيسري ،
رت پيئن راڄ جو کئي سپ کنور ،
پنهنجا پنهنجا انهن کي طريقا ۽ طور ،
ماڻهو منهنجا مور ، ٿهي وچ ٿنهي ڪان .

*

ملان جو مطلب پنهنجي پيٽ پرڻ سان ،
هرهڪ تڏهن هٿ ڪيو ، الڳ الڳ مذهب ،
ويڙهائي وڏئون ڪئي ، آڏل ۽ عارب ،
امن در عقرب ، ملان موراڙي ڪيو .

*

ملان موراڙي وڌو ، ماڻهن ۾ مانڊاڻ ،
پاڙا اٽڪن پاڻ ۾ تہ پالي ويٺو پاڻ ،
گوليون ٽيون گجگوڙ ڪن راڄ ٿي رتوڇاڻ ،
سڄڻ ٿي سڄاڻ ، ڦيرج منهن ملان ڪان.

*

ملان مسلمانن جو عيسائين جو پوپُ ،
ٻانيڻ هجي هندن جو مُکُ گرنٿي گوپُ ،
ڪنوراٺو ڪوپُ ، آهي مڙئي ماڻهن تي .

*

ملن جو مذهبُ ، ملان مذهب جا ،
پنهنجي پنهنجي مرضيءَ سان ڪدين پيا مطلب ،
راضي ٿن سان رب ، رهني ُهتي ناهه ڪي.

*

ملان جو مقصد، مفت خوري ملڪ ۾،
مذهب واري ماپ سان ڪڇي ٻيٺو قد،
پئسا پون پلو ۾ ته پستڪ ٿئي پد،
رليو ڏئي رد، سرمائي تي سچ کي.

*

ملان ڪٺن پاسو، ونئي ڪين وڏيري جو،
ٿيندو اٿس نيٺ ته، اتان اپراسو،
اٿئي پهر آن ڪي هٿن ۾ هاسو،
متان ڪي ڦاسو، اچي ان جي ڦند ۾.

*

مذهب جو مت ڀيد، ماري پيو ماڻهن کي،
ڪري ظلم زبور سان، بڪر توڙي زيد،
انجيل ۽ توريت تي ڪريو ڪري ڪيد،
ڪوڙ هٺي قرآن تي، يا پيو پڙهي ويد،
ڪري وينو ڇيد، ملان پنهنجي مڪر سان.

*

ملان ٻڌجي ڀمر، سوچون ڇٽي سڀ جون،
مذهب جي مت ڀيد سان وينو ڏئي لڙ،
آٿي عبادت گاهن ۾ هٽي ڪوڙا ٻڙ،
اهڙا ڪڏا ڪم، آهن ڪٿ ابليس جا،

*

ملان مُڙي وڃ، مذهب جي مت ڀيد ڪان،
ابتين سبتين ڳالهين سان ڀائپيون نه ڀڃ،
تڙپي ٿي پئي ٿيڇ، مونجهي دلڙي ماءُ جي.

*

چنل چاتـــي ماءُ جي ڏيندء پاراتـــا ،
پنهنجي پيٽ پالڻ لئه کوپا تـــي پاتا ،
ســـدا گس سچڻ ڏي ، نه تـــو سچاتا ،
مذهب جا ڪاتا ، کولي وينين کوڙ تون .

*

ملان ملپـي چڏ ، تـــوڙي تئين پاهه ،
سچو تـي سماج ۾ ، سامي، سچل، شاهه ،
توکي، گهرج گهٽي جي آهه ڪيو گمراهه ،
پورهيت سان پريم ۾ راهه ڪ سان رک چاهه ،
انهيءَ ۾ الله ، راضي تينـدء روز شب .

*

پيلجي پاڳا ، مذهب ملان جو تيو ،
رليئي سچـــي راج ۾ ، لاتا هن راڳا ،
شل چاڳا واڳا ، ملان ۽ مذهب تين .

*

سيٺ نه سينو ساهه، پياري پورهيت، ساڻ تون ،
جنهن جي پگهر مان جڙي تنهنجي سينيپ آهه،
پورهيت جي پيڙائن جي، ساڙي وجهندء باهه،
ان کان سوا ناهه ، ڪائي جوڙ جهان جي .

*

ڪائي جوڙ جهان جي ، پورهيت بنا ڪيئن،
رکج سيٺ سيني کي ، سرهن ساهن جيئن،
جيڪر جيئن پو تيئن، سونهن ملي سنسار کي.

Scanned with CamScanner

*

سونهن ملي سنسار کي سهڻو ٿئي سنسار،
چارئي پاسا چمڪي پون، چانڊوڪي چوڌار،
وڃي جيئن وڃائجي، اونده انڌوڪار،
ڌرتي وري واسجي، برن منجهه بهار،
سيئي ڪن سينگار، ميرو نه ماڻهو ڪو رهي.

*

پورهيت سوا پاڻ، پڌائج ته پڇاڻ مان،
ٻين جي ٻل تي تو لڳين، سيني جو سرواڻ،
رت ولوڙي جنهن وڌو رڳن ۾ راڳاڻ،
اُٿي انهن ساڻ سينو ساهه نه سيٺ تون.

*

پوي ڏيهه ڏڪي، هاري چڙ هر جي،
مکيو چڪيو منهن چڙهي ملان ڪونه مڪي،
آڪهه ڪنهن امير جي ٻچي ڪانه ٻڪي،
سرڪش ڪيئن سکي، ساعت رهي سچ ۾.

*

ٻڪ نه وجهي ٻنيءَ کي، اٿي جي هاري،
هوا منجهه هُلي وڃن چيڪٽ چوڌاري،
ڦهري ساڳي ڪار ٿئي، ايٿوپيا واري،
ماري ماري ماڻهن کي ٽڪي ٻئي هاري،
ٻونءَ تي پوتار کو نڪا پوتاري،
پيٽ پوچاري! هٿ چم هاريءَ جا.

*

هاڻو جـي ڄاري ، هٿ ڪڏي هر مان ،
سڄي وڃي سڀ ٿي ڏرتـــي ويچاري ،
ڏُکي پوي ڏيهہ ۾ ، بک ۽ بيماري ،
زاري ڙي زاري ، اٿين نہ ٿـي اوچتو •

*

ڊوليئـي ڏنئہ ڏؤ ، وڏيرا وڏي اڇـــي ،
پاڙهي پيرين پئہ، ڪڙميءَ جي ڪٽنب کي •

*

وڏي وڏائـــي ، وڏيرا جا ورتـــي تـو ،
ڪڙميءَ جي کهول جي اٿمي پلائـــي ،
پوندو ڪر پيرين تون ان کي سدائي ،
سچـــي سٽائي ، ان ۾ آ سنسار جـــي •

*

خان! اها خاني، ڳڏ نہ هڄئي ڪا گهڙي ،
ملئي نہ جـي مسڪين هٿان مان ۽ ماني ،
اڙي اٿي آ ني ، پيرين پئہ پورهيت جي •

*

رلي تون رئيس ، پساهہ ڏين ها پٽيءَ تي ،
گذر جـي گراهہ لئہ ، اپرئـي ها آسيس ،
هلي آءَ حريص ، هٿ ٻڌ هاريءَ کـي •

*

ٻيڻلائپ ڀڄ ، هانيءَ منجهان هٿ جي ،
منهنجي صلاح مڃ ، پيرين پئہ ڪڙميءَ کي •

❊

اڇي جيئڻ هاري، اُٿي ٻيھ امير ٿون،
پيرين پوڻ ڀورهيت جي خان نہ ٿي خواري،
سونهن ۾ ساري، اُٿي انهيءَ آسري.

❊

ڪڙمي ڪٿي ڪين، پنهنجي وڪ ڀوڪ ڏي،
سڪي مري سنگ لئہ، روئي روءِ زمين،
سيتا وڃي سک جي، رام بہ رهي ڪين،
روح ڪيندڙ راوڻ جي رات ٿئي رنگين،
پيڇي پوئي بين، پوتار انهيءَ ٻيهڪ جي.

❊

ڪڏ وڏائي روڏ، وڏيرا وجود مان،
هر ڪاهج هٿن سان رڏي ڇڏج رڏ،
ڦڏائي جي ڦڏ، ٻاڙيءَ ڦوٽي ڪيتري؟.

❊

پيٽ ڏيندڙ مان پيڪار، پلي ڏيج نہ ٻيپ مان،
ڪڏهن ڪتو مالڪ تي ڀونڪيو آ ڀوتار،
خان خبردار! خاني ويندءِ خاڪ ٿي.

❊

ڇوٿو وجهين وهہ، ڪاڏي پنهنجي ۾ ڪٽي،
هاريءَ سان هٿ ڇڏي لهي سگهندين لهہ،
گڏي گڏو گهہ، اُٿي ڪاءُ اُڦراڻن سان.

❊

وڏو اٿئي وير، ڪڙميءَ جي ڪهول سان،
ڪٽي هٿ ڪڻ ڪٿي، رکيو آ تو ڀير،
ٻڇيو ناهي ڪير، "خبر ڪاڏن ڪي پوي"

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

❊

ڪڙمي سان هي ڪچ ، ڪرين ڇوٽواٽي ڪنا !
ڪڏت نه ڪري ڪنهن سان سچڻ سارو سچ ،
من ۾ بارج مچ ، هاريءَ جي حقن جو .

❊

ڪاڏي ڪڙميءَ ذات، ڪاڏي وت وڏيري جي،
رئيسُ اوندهه رات جئن پورهيتُ آ پرڀات ،
ڏاتر ان جي ڏات، هاري پنهنجي هر سان .

❊

اپائـي جو آنُ ، ڦـٽڪي فاقن ۾ اهـو ،
ڌرتيءَ جـي ڏٽيءَ وٽ دمڙي ناهي ڌن ،
مستي ڪري من ، گهر ويٺي وڏيري جو .

❊

اهڙو سلو شال ! سائو نه ٿئي سائيه ۾ ،
ڪري پڇائيندڙ ڪـسي ٻکن ۾ ٻي حال ،
سوالي انگوڙا جسم ، جيون پنا خال ،
يا نه پون ڪال ، ڪڙميءَ لاءِ قحط جا .

❊

جاڏي ڪر نگاهه ، تاڏي ڪوندر ڪپهه جا ،
پوءِ به آٽي آپ ڏي ، اگهاڙن جي آهه ،
سٽ نه ڪاڏي ساهه، سنهڙي ڪائي سيبڻ جي .

❊

ڏاتا ۽ ڏاتـــي ، پرتل سـدا پاڻ ۾ ،
ڏاتي نه هجن ڏيهه ۾ ، ڏ ڪيا ڏقاتـي ،
ٿاٽيو نه ٿاٽـــي ، هڏو هيڏي هيٺجي .

*

مرڪن پيا مزدور ته ٺهڪ ڏين ٺيڪر پيي،
هٿي هٿوڙن کي ملي، ڇهرا ٿين چنجور،
ڪوڙر ڏاتا ڪڏن پيا ڪيس ٿين ڪافور،
سرڪش سيئي سور، سيگهه وڃن سنسار مان.

*

ڇهرا رهه چنجور، ! سدا سگهن هٿن ۾،
مانيون ۽ مزدور، ملن پيا موج سان.

*

هٿوڙ ۽ هٿ، سگها سوگها سڪ ۾،
اهڙي ڪجي ڪٿ، ڪو هٿ نه هٿوڙي بنا.

*

آئي وڃي انڌ، جيڪر هن جهان مان،
ڪاٽيءَ هينان ڪنڌ ڪٿي نه اچي ڪنهن جو.

*

نينگر اٿئي نڪ، ته آئي ڪڙڪ اندر تي،
اٽل ارادو ڪري، لنگهي پئج لڪ،
ڏاڍائي ڏاڍي جي، ڏاڙر هڪڙو ڏڪ،
ڏانڊل وڃي ڍهلجي، ڏوڪن لڳي ڏڪ،
نانگ نه پائي چڪ، ناحق جي نظام جو.

*

نه ڪو ٿئي شينهن، نه ڪا ٿئي ٻڪري،
پيچ پٽائي ملڪ مٽائي، وسي پوي مينهن،
ٻڳ ٻڳ ٻڪڙي روشني رات به ڏسجي ڏينهن،
نظر نظر نينهن، ماڻهو ماڻهو محبتي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

اهي پڇن ڏند ، جيڪي ڏجن ڏيهہ سان ،
باندي نہ رهن بند ۾ ، نہ ڪي رهن بند ،
اچن ڪي آنند ، سڄي هن سماج ۾ .

*

هڙئي پڇن هٿ ، مارن جي مسڪين ڪي ،
نڪ منجهان ناحق جي ، نڪري وڃي نٿ ،
سڌي ڳڏجن سٿ ، تہ سک سلامتي ملي .

*

اڪيون نہ رهن اهي، جيڪي ڪڇن خار مان ،
سيکت ملي سرس ڪا ، سامراجيءَ ڪي ،
وري ڪونہ ڏسي ، ڏمر توڙي ڏوس مان .

*

مٿو ٿئي گم ، ساڙيليءَ ساڙ جو ،
ڦسي ائين ڦاٿي ، جيئن ڦاٿي ڪارو ڪم ،
جهڪي پوي جهم، ڳجهن جو ڳڻ چور تي .

*

سامراجي سر وڃي فنا ٿي ڦوڪٽ ،
ڳاهٽ ئي ڳاهٽ ، ڳجهن جو ڳڻ چور تي .

*

وڏو هوندو ويل ، سڄي هن سماج ۾ ،
ڪنجي ور ڪڙمي ٿئي مزدورن سان ميل ،
سامراجي سٿ جون ڪري سوچون فيل ،
نہ تہ ٿئو ۽ تيل، موڳو منهن مسڪين جو .

*

سيئي مندون مرڪ ، ماڻي وينو آنهه تون ،
لوڪ اکين ۾ لڙڪ لڪائي ڪانءَ ڪري ٿو ڪرڪ ،
سئنڪي واري سرڪ ، متان ڪٽ ماري وجهئي.

*

ساري حياتي رؤنشن سان ريجهون ڪيئه ،
بکين ۽ بيمارن ڏي ، پاتئه نه جهاتي ،
تني نفرت تنهنجي لئه ، تن اندر تاتي ،
ڪرپ جي ڪاتي، متان ڪڙڪئي ڪنڌ تي .

*

ڏوليءَ ۾ لوليون ، وينو ڏيارين پاڻ کي ،
اکيون نه کنيئي انهن ڏي جي اوتڙ ۾ اوليون ،
اگهين جي اتهاس ٿي، گونجاريون ڳوليون ،
ٻاجهاريون ٻوليون ، سگهئين نه سنجڻ ڪان .

*

سگهئين نه سنجڻ ڪان ، ٻوڙا ڪائي ٻاجهه ،
ور ور وڃهين واجهه ، ويچارن کي ولوڙڻ جا .

*

ڏني پئي ڏاهن ، ڏاهپ توکي ڏيهه ۾ ،
سمڪ نه آيئه صدين ڪان ڏکيئه پئي ڏاهن ،
بگڙي بي واهن، ڪڙڪو ڪيئه ڪنڌ تي .

*

نماڻن ڪان نڪتي پئي، دانهن متان دانهن ،
ڪانه ڏِ گهيڙيئه ٻانهن، ٻاجهارو ٿي ٻاجهه جي .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

ٻين جا حق ھڻي ، رجي نہ سگھندين جڳ ۾ ،
نہ ڪو تنھنجو ڌڻ آ ، نہ ڪو تون ڌڻي ،
ڌوڙھو ڪڏھن ڌوڙھ ڪي ، ڏيندو ناھ ڦٽي ،
ويندءِ ڇوھ ڇٽي ، ڇوھو ايندءِ ڇوھ مان .

ويچاريو ويھي ، سيپيئي سچاڻ جي ،
ڏول وجھي ڏيھ مان ، ڏيھي پرڏيھي ،
پيڙا نہ پيھي ، پنھنجي پاسي ڏي اچي .

اڄ تون ھن جو ٿيءُ ، تہ ھيءُ ٿئي تنھنجو ،
ڏاھا ماڻھو ڏئي ويا ، ڏيھ کي ڏس ھيءُ ،
جيڪو چوي جيءُ ، جيءُ چئجي تنھن کي .

امن اسان آسري ، اسان امن جي ،
ٻيئي ٻڪجون پاڻ ۾ ، تہ ھوري ڪانہ ھُري ،
ڪنڌ پر ڪري، ڪپت، ڪاوڙ، ڪوڙ اڄ ،

*

وایون

*

چانڊوڪي ۽ چاھ، ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

سونهن وري سچائيءَ سان گڏ صدقي صدقي ساھ،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

وير وڳوڙيل دنيا ۾ ٿئي ناپر توڙي ناھ،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

اوکي اولي ويل اچن جي همت ۽ همراھ،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

تنهنجو منهنجو رشتو پختو، ڌرتي ۽ درياھ،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

عشق اکين ۾ اندر اجرو، ماڻهو يا الله،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

ڀين لئہ ڀين جا ڀڳڙ مون لئہ، سنڌ ۽ ڀٽ جو شاھ،
ٻنهي جي ڳالهہ نہ پڇ.

سنڌ سلامت ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

*

گوليون ڪن نہ گروڙ ، ڏرتيءَ جي هن گولي تي .
هٿيارن جـــي هوڏ هلائـــي ڪاٺي جوڙ نہ توڙ ،
ڏرتيءَ جي هن گولي تي .

هو بہ تہ توجهڙائي ماڻهو، تـوَ مان توب نہ ڇوڙ ،
ڏرتيءَ جي هن گولي تي .

جيون جي ٻيڙيءَ کـي ٻيلي پاڻ نہ ٻيهي ٻوڙ ،
ڏرتيءَ جي هن گولي تي .

انسانن جـي اوجر خاطر ، جذبا لوڙ ولوڙ ،
ڏرتيءَ جي هن گولي تي .

ڏرتيءَ ڪان ڏنُ ملندو سرڪش، ٿون بہ اٿي ڏي اوڙ ،
ڏرتيءَ جي هن گولي تي .

*

Scanned with CamScanner

*

کيريون اکڙيون کول- او ساٿي ايڏي ننڊ نہ ڪر،
پاڻي ناهي، چلڪي چلڪي، ڇپرن ڪي چاچول،
او ساٿي، ايڏي ننڊ نہ ڪر.

ڳالهيون ڳوٺ ڳِٺِ سان ڳڻجن، جاڳ! نہ تون جابول،
او ساٿي، ايڏي ننڊ نہ ڪر.

اندر انسان ستل ڪي ڏوٽا ڏي ڏينڊول،
او ساٿي، ايڏي ننڊ نہ ڪر.

ڪاٿي آهي ڪاٿي ناهي، ڳول امن کي ڳول،
او ساٿي، ايڏي ننڊ نہ ڪر.

ويچا وير وساري سرڪش قرب ڪري ڏس ڪول،
او ساٿي، ايڏي ننڊ نہ ڪر.

*

Scanned with CamScanner

*

امن رهيءَ انسان، مٿل جيئرو هڪ جهڙو.

پرين اکڙين کان پري، عاشق پريشان،

مٿل جيئرو هڪ جهڙو.

دولت هوندي درد جو ڪونہ ٿئي درمان،

مٿل جيئرو هڪ جهڙو.

جرڪيو وتي جڳ ۾، ماڻهو نہ ڏينس مانُ،

مٿل جيئرو هڪ جهڙو.

جڪڙ پڪڙ جنين ۾، هجي سر جيئدان،

مٿل جيئرو هڪ جهڙو.

*

Scanned with CamScanner

*

جاڳايو جاڳو - سپيئي سنوپرا.

من مٽيا تسبيح جا، دوستيءَ جو ڏاڳو،
سپيئي سنوپرا.

ساڙ نہ سياڳو، نينهن نہ نياڳو،
سپيئي سنوپرا.

ٹڪ سان ڳڏ سچ، سونُ تي سهاڳو،
سپيئي سنوپرا.

ڀاڙي ۾ پڪار ٿئي وڏي ڏيو واڳو،
سپيئي سنوپرا.

هڪڙي جي هاچي تي، آلو هر آڳو،
سپيئي سنوپرا.

سرڪش ساڳئي سوز سان، سر آلاپيو ساڳو،
سپيئي سنوپرا.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

پختو پنهنجو پيار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

سڀ سرهائي، سونهن سوائي،
سچو ونـي سنسار - الاڙي پورهيت، ماڙهوءَ سان

مائي دائـي ٻانهي ٻائـي،
جانبه ڪري سينگار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

ڏرتي سائي، پوءِ بہ چائـي،
چاڙي ڳڌجي ٻار - الاڙي پورهيت، ماڙهوءَ سان

عيد نہ ڪائي، ان ڏي آئي،
ايڏو چـو آزار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

پال پلائي، دل گهرندائـي،
ڪونہ رکي پوتار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

وڏ وڏائـي، سيٺ سرائـي،
آهي ڪئي اختيار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

ٻاڪ ٻيائـي، آهہ چريائـي،
ويهـي ڪر ويچار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

تر نہ توڪـي سونهين ڪڏهن،
تاب تڪڙ تڪرار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

سرڪش ڳائـي ڪافي وائي،
گيت غزل گلزار - الاڙي پورهيت ماڙهوءَ سان

*

هلي پئو همراهه - مهل تي ماڳ رسون.

دير نہ ڪر استاد، آئي امداد، اياز ۽ شاهه،
مهل تي ماڳ رسون.

تڪڙ ڪريون تنوير او! راشد، واجد ٿئي وهواهه،
مهل تي ماڳ رسون.

سات نہ ڇڏجو مَن هڪبئي جو سوچ رکو ساڃاهه،
مهل تي ماڳ رسون.

روشن ڪرڻ پويان اڳڪٿ آلري پيا اونداهه،
مهل تي ماڳ رسون.

وير ورهاڱا پاڱا ياڱا چوري ٿين پيا چاهه،
مهل تي ماڳ رسون.

اوندهه جا آڏيڙا ڊِڪا ٿيلها ٿاب اٿاهه،
مهل تي ماڳ رسون.

چاجي سستي، چاجي ساهي، سَهُڪ پيلي تون ساهه،
مهل تي ماڳ رسون.

پير ٻچي ٿيا پيرون ٻو بہ نہ ڪا پرواهه،
مهل تي ماڳ رسون.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

نينڊي نيڻ نھوڙي نيندا ـنستي ٿئي نہ نگاھہ،
مهل تي ماڳ رسون.

ڪاري رات سناٽو سؤنسا، ٿيئي ڏيندا تاھہَ،
مهل تي ماڳ رسون.

گونگو ٻوڙو اپ نہ ٻڌي ڙي پون ۽ جو پٽڪو آھہ،
مهل تي ماڳ رسون.

ويسورا ۽ سور سياٽي، اڄ تــي سڀ ويساھہ،
مهل تي ماڳ رسون.

’سرڪش‘ ڀاڙين ڀا ڳن جا ڪي ڏوئون ڏوھہ گناھہ،
مهل تي ماڳ رسون.

Scanned with CamScanner

وائي

*

ڏيهہ ڏڪاري ڏاڙهن جو ، جي ڪرندي ڪنڌ پڇي،
تہ منهنجو هاڻ نري.

صدين ڪان هي ستايل سانگي سک جو ساهہ پٽي ،
تہ منهنجو هاڻ نري.

ماروءَ ماروءَ جي منهنڙي تي موتي مرڪ اچي ،
تہ منهنجو هاڻ نري.

اوڍي اجرڪ توپ جي هرڪو لوڏي ٻانهن هلي،
تہ منهنجو هاڻ نري.

ڪٽ تي ويهي هر ٿر چاڙهي، سرمو سيند ڪري،
تہ منهنجو هاڻ نري.

سنڌوءَ پير تي آزاديءَ جو ، مارئي گيت چوي،
تہ منهنجو هاڻ نري.

ٿي ٻٽي ٻانهن سيراندي جيڪر اهڙو واءُ وري،
تہ منهنجو هاڻ نري.

اڄ جو شاعر سرڪش اڄ جي ماڻهن لاءِ لکي،
تہ منهنجو هاڻ نري.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

لفظ لفظ جي اکرن وانگر ساڻي ڪر سهڪار،
تہ مطلب نڪري پوي.

ٻئي ٻئي ٻانهون ڳچيءَ ڳچيءَ ۾ ٻڌجي پون جي هار،
تہ مطلب نڪري پوي.

اکڙين جي آلاڻ تــــي ٿورو سوچ سهڻا يار،
تہ مطلب نڪري پوي.

گلڙن وانگي گفتن مان بہ اٿــي پوي هٻڪار،
تہ مطلب نڪري پوي.

ڌرتي موراکيءَ جا ماڻهو، هيڪر ٿين هوشيار،
تہ مطلب نڪري پوي.

ڀنڀنجاٽپ جي پاڙي مان جي گم ٿين غير غبار،
تہ مطلب نڪري پوي.

*

اپ جي ڪاري منهن تي ريکا ڳاڙهي، نيري پيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

ميري ميري باک جي بت ۾ جوت جڏهن جوشيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

ساٿي گوريلا ۽ سرتي سيڪا تي گوريلي ايندي ،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

جڳ سڄي کي جرڪائڻ جو شوق ڪٿي شوخيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

سوچن لوچن سڀ هڪجهڙو ڪنهن ۾ ڪانہ بخيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

هوندي جي چوٽيءَ تان ڪرندي پرندي هيٺ هٺيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

پورهيت ٻچي وڏ گهراڻي ڇوڪرڙي شوخيلي ايندي،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

سرڪش سيني استحصالي دستورن کي تيلي ايندي ،
پوءِ تہ ڪا تبديلي ايندي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

ڏرتي پنهنجي دل واري ۽ ڏارين جو دستور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

گهو گهن سان جي گهوٽ ڪٿي ڪا منڊ ڪري منظور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

ڇوليون ڇوهيون جهوني ٻيڙي، پور متان ٻيو پور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

رستو واريامو ۽ پانڌي ٿنگن کان معذور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

ڏوئي ڏوئي بار پئيءَ ۾ تي پئي ڪو ناسور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

ڪاٿي لاءِ نه داڻو خالي موٽيو آ مزدور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

سچل ڪي جئن ڪوڙ تي سرڪش ڪيو وڃي مجبور،
اسين سڀ ايڏوئي مجبور.

Scanned with CamScanner

*

ويٺل وياءَ جي چوٽيءَ ۾ پئي چانديءَ جهڙو وار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

ٻازر ۾ ٻيءَ ماءُ کان وڇڙيل روئي ننڍڙو ٻار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

ٻورهيت ٻيڙا ٻوگي مل ۾، ٻاٽي سڀ بيمار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

اُڏهيءَ کاڌل توٽيون ويتر ڳوري ڇت جو بار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

ڪاري رات ۽ اوتر آٽي، ڪاهي ڪاروٽيار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

يـــار اڇڻ جو اوسيئڙو ۽ اڪـڙين ۾ آزار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

پيار ٻري دنيا ۾ سرڪش! ڪسجي ڪنهن کان پيار،
اسين دلگير سدائين اهڙا.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

ڏيهہ ڏ ڪئي جو ڏتڙيل ماڻهو ڪائي پيٽ ڀري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

مجبورن ۽ مسڪينن جي چلهہ ۾ باهہ ٻري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

ان جي لاءِ نہ اربيلو ڪو، گهٽيءَ منجهہ ڳري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

ننڍڙو ٻار نہ بک جي هوتي، ڦٿڪي دانهن ڪري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

جيجل ماءُ نہ ٻچڙي پرسان تڏڙا ساهہ پري؛
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

ڪانيءَ وانگر ٺوٺ سڪل جي منهن تي ماس وري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

مايا ميڙي رکندڙ لکپت، جيڪر لڄ مري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

ڏونگر جهڙي ڏاڍي جو شل ڏاڍو ڏيل ڏري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

سرڪش اهڙي ڏينهن اچڻ لئہ هرهر اک ڦري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

*

طوفانن جا تر، ڏيھ اسانجو ھوندو.

ٻي ڏوھي انسانن جا، ٻاھين آڏو گھر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

پيٽ ٻڪيا پنيءَ لڳل، اوڊر ”ڏوڏ“ اگر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

ٿاريون نپل نستيون ڪٽڻ نيڻ نماڻا تر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

وڪ وڪ تي ويل ڪوڙيل، سوريون جت سگھر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

وسنديون لڳن مقامن وانگي، ماڻھو جيئن قبر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

ويڻي تڪي در ڏي ماندي، وني ڏاران ور،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

ڇپر سڙھ ٻيڙين جا، اکڙين ۾ آچر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

جتي باغ بھاريون سرڪش اتي سڪا سر،
ڏيھ اسانجو ھوندو.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

*

ساٽ ڏيڻ ۾ ڏک ڏاڍا تـــي ڏاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

هيڏي هوڏي ڇنب اٿيا، ٿي هيڻن کي هاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

سوريون جت سگهر ۽ ڦٽڪن پيا ڦاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

روح روانا رڄ ڏي، بدن بـــي ساها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

چاڙها ڦاهين چاڙهوان، لحد ۾ لاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

ڳلي ڳلي ۾ ڳاهٽ ٿيا روڄن راتاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

مؤجون ويون ملير مان، مارن ۾ ماها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

تاب تکا تبرن کان ڳچيون جڻ ڳاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

پرين! پسان ڪينڪي پنهين ۾ پاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

سيني ۾ سوراخ ٿين گولين جا گاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

سينـد بـہ اٿلي اوج ۾ مٿي ۾ واها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

ريلا ڪري رت وهي ڏاڙهيءَ ۾ ڏاها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

رستا پون رنگجـي ۽ ڳاڙها چوراها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

هڪڙو هٽ آ هيڪلو ڏنب وجهن ڏاهي ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

امن گهريا سر آڻي ڪر سرڪش سانباها ـ سمجهي سوچي ساٽ ڏي.

Scanned with CamScanner

*

منهنجي ڏيهہ جي مٽڙن ماڻهن سان رکيو جنهن وير ،
ٻوندس ڪاريهر تي پير .

ڀيئندا مارون ڪير وتا ، تيو جڏهن پٽيءَ تي ڏير ،
ٻوندس ڪاريهر تي پير .

ڇاپيءَ جي ٻوٽاڙي تي خوش آهہ نہ تيندو ڪير ،
ٻوندس ڪاريهر تي پير ،

جن جي ٻورهٽي تي تو پلاجي تن سان من ۾ مير ،
ٻوندس ڪاريهر تي پير .

هو لوڙن هي وينو ڪاٿي ، ٻوءِ بہ ڏڪري انڌير ،
ٻوندس ڪاريهر تي پير .

پيارن ديس ڏٿين جو سرڪش جو بہ نہ گهرندو خير .
ٻوندس ڪاريهر تي پير .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

ڏڪي ڏڪي اُٺيهينءَ جو چنڊ بہ ايري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

ٻڪي ٻڪي راهہ اٿانگي راهي گـــذري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

ھڪي ھڪي سورھيہ ٻڄي ساٿـــي اسري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

ٿهڪي ٿهڪي ورهين جو ناسور بـــہ نبري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

ڦڪي ڦڪي سنڌي ماڻهو، سنڌو اڪري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

لڙڪي لڙڪي پونءِ لئہ ’سرڪش‘ ساهہ بہ نڪري پيو،
تہ ڏاڍو خوش ٿيندس.

*

*

سوجھت ساڻي آھ اياڻي، ڦٽڪي ٿي دل ڦاٽي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

منزل ساريم راھ نھاريم ساجن لئہ سج لاٿي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

جاتي جاتي جند جڙي آ تانگھ پوي ٿي تاتي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

در در دانھن اٿي ٿي ايڏي، ديد پوي ٿي جاٿي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

سنڌ سڄي ٿي سور وئي آ، سک نہ ڪوئي ڪاٿي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

پاتا ٻول ٻرن ٿا ’سرڪش‘ مون کي ٻدران ماٿي،
ھاڻي ڇا ٿئي؟

*

Scanned with CamScanner

*

ڏيکـــاريو ڏهـاڳ ، سيپڪڙي جي سوچ.

موکي اچليو مارڳ ۾ ، ماروئڙن جو ماڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

اڇــي پيو اگهتئون پوير پويـــر پاڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

آئيندي جي اڻ تڻ ، اندر منجهه اجهاڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

اٿيا الا آڳ جا ، دل سڙي جيئن داڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

اکيون روئن رت ڦڙا ، رودن ، روڏن راڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

ڏادائي جـــي ڏنـدن لئه ، مسي ۽ مسـاڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

ڏ کن اچي ڏيئڻ ڪئي ، سکن جو تياڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

سورن ۾ صدمن ڪيو 'سرڪش' کي ته سجاڳ ،
سيپڪڙي جي سوچ.

*

ڪا ڪُوڪَ ٻُجهي پئي- تہ من قوم ٻچي پئي .

مون گيت جي هرسٽ انهيءَ لاءِ لکي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪنهن انڌ ۽ اونداهہ ۾ ڪا لاٽ ٻري پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪنهن سوچ سٽل منجهہ ڪو احساس اٿي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪو پاءُ اچــي، پيڙ پچي، لڇ لڇي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

دانگيءَ جي مٿان رت سڙندي بہ وري پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪو راڄ وري ريج ڏئي، پونءَ پچي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪو نيڻ نئون رنگ ڏسي ونگ وجهي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

هن درد جي ديوار ۾ ڪاپار وتــي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

جنهن ڪوٽ ۾ اڄ موت هجن بند ڪري پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪو نينهن لڳي نار سان ڪو نرُ نچي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪنهن ٻار نڌڻڪي کي مٺي ماءُ ملي پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

ڪا ڪُٽڏي ڪڙي لام لڙي مرڪ تري پئي ،
تہ من قوم ٻچي پئي .

هر وير جــي انڌير ۾ ڪو ماڻ اچي پئي .
تہ من قوم ٻچي پئي .

Scanned with CamScanner

*

کنهن کوڙتي کنهن ٻوهه تي آهي جي کچڻ ڏوهه ،
ته پو آءِ ڏوهاري.

کنهن ڏاڍ تي کنهن ڏوهه تي آهي جي ڏکڻ ڏوهه ،
ته پو آءِ ڏوهاري.

ماڻهن جا هجن ميڙ وچـــي مارجـــي مظلوم ،
افسوس کان انبوهه تي آهي جـي رئڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

ها، زور ۽ زنجير ته پابند کيـــو آ ،
هن زور تي هن لوهه تـي آهي جي لکڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

اوپر کان اٿي ميڻهن پوي ڪڙڪي ڪکن تي ،
کنهن چاٽ تي کنهن چوهه تي آهي پسڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

پٿر جو نهيل ناهيان نـــه احساس مٿل آ ،
انڌير تي اونڌهه تـــي آهي جـي اٿڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

مان شهر جي الفت ۾ جڏهن شهر بـدر ٿيس ،
کنهن راهه تي کنهن ووهه تي آهي جي رلڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

آ ٿنگ سدا ساهه ، پلي ٿياس تــي ٿنگيو ،
موهن جي مٽي موهه تــي آهي جي مرڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

'سرڪش' کــي سبق رات ڏنـو آهه پتنگـن ،
کنهن پيار تي پاٻوهه تي آهـي جي پچڻ ڏوهه - ته پو آءِ ڏوهاري.

غزل

Scanned with CamScanner

*

ڦوڪ سان ٽنيو ٽُٽڙي ممڪن نہ آ.
ڪوڙ دل سان آئڙي ممڪن نہ آ.

داب دانهن جو پوي بيدرد تــي،
ڀِڄڻ ۾ آگر گهـڙي ممڪن نہ آ.

حال هن ۾ ڪير تو مرڪي پـــلا،
باهہ ۾ ڪو گل ٽڙي ممڪن نہ آ.

پوئتـــي سنڌوءَ ڪـي موڙن موڙبو،
چاهتن سان دل چڙي ممڪن نہ آ.

ڪوڙ سچ تي ٿاپڙي تي تو سگهي،
ڪوڙ تـي سچ ٿاپڙي ممڪن نہ آ.

عقل جـي انـڌي ۾ ڪهڙو آسـرو،
مينهن ڪا سنڌي مڙي ممڪن نہ آ.

سامراجـي ڏيهہ ۾ پورهيت ڪـڏي،
چنـــڊ اٽنيهو ڪڙي ممڪن نہ آ.

ننڊ مان جـاڳائڻو آ قوم ڪـــي،
پاڻ ڪو گاڏو ڳڙي ممڪن نہ آ.

ساڙ وارن سان نہ پئي 'سرڪش' ڪڏهن،
دوستن سان ڪاوڙي ممڪن نہ آ.

*

ڪوڙ ڪوڙن ڪـــي ڦري پوندو آ .
ڪک پاڙيءَ تـــي تري پوندو آ .

ڪو خوشامند سان وٺي سر جيئڻان ،
ڪو وري سچ تي مري پوندو آ .

اڻ ڪٿ محنت اٽـل ارادي سان .
ڏاڍي ڏونگر بـــ ڏري پوندو آ .

حق لاءِ وڙهجي ۽ روئجي نہ ڪڏهن ،
لوڻ پاڻـــيءَ ۾ ڳري پوندو آ .

تون جڏهن خوش گهمندو آن ڌرتي تي ،
ماءُ جو هانءُ ٺـــري پوندو آ .

ڪهڙو ويساهہ ڪنهن وڏيـري تـــي ،
ڪير ڪـــي ڪڏهن ڪري پوندو آ .

آءٌ بيمار جو لکندو آهيان پورهيت لاءِ ،
بـــت ۾ ست وري پـــوندو آ .

جڏهن ٿيندي آ زيادتـــي ڪنهن سان ،
'سرڪش' پيٽرول جيئن ٻري پوندو آ .

Scanned with CamScanner

*

ڏک حياتي کي چري ويندا آهن .
ڪڪ باهه ۾ ٻري ويندا آهن .

پيار سان دليون خريدجي وينديون ،
پلر سان ٽانڊا ٺري ويندا آهن .

ڪن کي بندوق به ناهه ماريندي ،
ڪي ميار سان مري ويندا آهن .

درد جن کي دلين ۾ هوندو آ ،
ٻريل ميڻ جيئن ڳري ويندا آهن .

پيو ڪجهه غريب لاءِ ڪري نه سگهندو هان ،
لڙڪ اکڙين ۾ تري ويندا آهن .

پونءِ سان بي وفا مٿير نه ٿين ،
توڙي ٿي ذري ذري ويندا آهن .

تو سوا گهڙي نه سري آ 'سرڪش' !
تنهنجا سڀ ڏينهن سري ويندا آهن .

*

جيڪي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

دم دم آهي دُرڙيءَ وانگي.
ڦٽڪان ٿو مان ڪُرڙيءَ وانگي.

نفرت گهر گهر ۾ وئي پکڙجي،
ماتا وانگي آرڙيءَ وانگي.

ماڻهو ماڻهوءَ جو ٿو هاري،
رت پاڻيءَ جي گَرڙيءَ وانگي.

جڏهن به سوچڻ لڳندو آهيان،
دل ڌڪندي آ ڦُرڙيءَ وانگي.

لفظ ڪڍن ذهن تي ليڪا،
ڪنهن ڪونڌر جي ڪُرڙيءَ وانگي،

صحت ڏيندڙ سوچون ’سرڪش‘،
سور تہ ڏينديون سُرڙيءَ وانگي.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

ڇپن جو چاهه مونکي ڪين گهرجي .
ڏکيءَ جو ڏاهه مون کي ڪين گهرجي .

اهو دستور ڪَـڏ ۾ پئـي ڪري جو،
ٻکن ۾ پاهه مون کي ڪين گهرجـي .

ڪَـرو ڪوڙو تہ ٻرڪـڻ آ ضـروري،
انڌو ويساهه مون ڪـي ڪين گهرجي .

رهي رستــــي ۾ ويهـي وائڙو ٿــي،
ٿڪل همراهه مون کي ڪين گهرجي .

ٻڇي جو پنهنجي سيني ۾ ٻہ 'سرڪش'
سڪل هي ساهه مون کي ڪين گهرجي.

*

*

وقت وهي ٿو پاڻيءَ وانگي،
منڊ ڦري مانڊاڻيءَ وانگي.
پيار ڪيي ٿو ڪاڻون آڻيان،
مَنُ مَنُ آهي مياڻيءَ وانگي.
نفرت سڀ ڪنهن ڳل آ لاٿي،
پاڙي جي حاجياڻيءَ وانگي.
ريت پريت، ٿڃي پئي آهي،
گهر جي ڪام پراڻيءَ وانگي.
ٻاهر اجرا اندر ڪارا،
ماٺهو سرميداڻيءَ وانگي.
ڏس ته ڳاڙها انبن جهڙا،
ڇڪ ته ڪارا لاٽيءَ وانگي.
مان ته هميشه تڙپيو آهيان،
ڪڙميءَ جي ڪانپاڻيءَ وانگي.
گهڙيءَ گهڙيءَ ٿو پور پڇايان،
دل ۾ ويٺل نياڻيءَ وانگي.
نيٺ ڪڏهن تون آئت ايندين،
سسئيءَ ڏي آرياڻيءَ وانگي.
وٽندو آهين سنڌي ادب ــ ي،
سنگت جي ڳنڍجاڻيءَ وانگي.
آزاديءَ لئه پيئڻ گهر جــــي،
وهه پيي چانهه ۽ پاڻيءَ وانگي.
منهن جي ڳالهه نه سمجهوساٿي،
صدين جي آڪاڻيءَ وانگي.
ٿي پئي آ ساڻيهه جي خاطر،
’سرڪش‘ جي دل ڇاڻيءَ وانگي.

*

ڏمر سان يار پرچائي نہ سگھيا،
ڏسڻ سان ڏينهن بدلائي نہ سگھيا.

رڙاري پوء لڙڪن کي نہ روڪيو،
چڏيائون گهر تہ موٽائي نہ سگھيا.

ڳچيءَ ۾ پٿو تہ ٿا پر پٿو نہ ايڏا،
گلن جا هار پيئي پائي نہ سگھيا.

نہ آڇيو لالچون جو لالچن تي،
ستارا هيٺ آڻائي نہ سگھيا.

وڇائي چار ڦاسايو پکي پر،
دٻاون سان هيرائي نہ سگھيا.

وفا سان چاهہ چاهن سان حياتي،
جفا سان چاهہ چمڪائي نہ سگھيا.

اجايو دل لڳي آ سنگدل سان،
ٻهڻ کي پيار سمجھائي نہ سگھيا.

ٻون پيرن هٿن ۾ نيل 'سرڪش'،
ڪڏهن سوچن ۾ اٽڪائي نہ سگھيا.

Scanned with CamScanner

*

اوهان جا آر پـــي هوندا تہ آهن .
اسان جا پيار پـــي هوندا تہ آهن .

جــي وينا پيار تي پهرا تــہ چاهــي ،
گلن سان خار پيي هوندا تــہ آهن .

اهو پرچڻ رسڻ ، گــڏ چگيلن سان ،
ڪٿي بيمار پـــي هونـــدا تہ آهن .

اڪيلي ڪانہ آهي ، دل سان دردن ،
سندا انبـــار پيي هونـــدا تــہ آهن .

پرين جي پور سان گــڏ ديس خاطر ،
وڏا ويچار پـــــي هوندا تــہ آهن .

تري پٺي ُمرڪ جي منهن تي چيائون ،
قبر تي هار پــــــي هوندا تہ آهن .

هو دل ڏي يا نہ ڏي 'سرڪش' ڏني آ
پـــلا شالار پيي هونـــدا تــہ آهن .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

سڀ ڪجهه آهي علم عقل ۔
پنهنجو ناهه ڌيوئي ڳل ۔

هيڪڙ پيڪڙ جعفر پوتا ،
باقي هوشوءَ جهڙا ڪُل ۔

هائو توکي ڪرسي گهرجي!
ڪاته خبر پئي ڪجهه ته ڪُل ۔

سچ ته هيءَ وڪاٺل ماڻهو ،
آهي چڻ واريءَ جو ٿُل ۔

هيڏي تنهنجي گهر جو رستو ،
هوڏي ڪاڏي پاڻ نه پُل ۔

ڏرتيءَ خاطر ساهه ڏنو جنهن ،
اڪ تون ان جي خاطر چل ۔

نينهن تساڪ جي ڳوٺي ناهي ،
منهنجي دل حقي جو قُل ۔

ٻيو سڀ ڳالهيون پويون اڳ ۾ ،
پيٽ ۾ لُل ته ڳوٺ ۾ هل ۔

پنهنجا گهر اڄ پرڪي ڏسبا ،
باهه ٻــــه ۽ طوفان ٻه ڳهل ۔

ڪوڙن ميرن پيرن وانگر ،
’سرڪش‘ ناهي بدنسل ۔

*

هڪ ڏينهن پري تو کان ائين لڳندو آهي .
ڪوئي تان نندو ٻار ڪوئي ڪرندو آهي .

هوشيار خبردار متان مونـڏي نهارين ،
بي سوپ، ڪڏهن سوپ ڪري وجهندو آهي .

مون تنهنجو چميو ڳل ته ڪوئي ڏوهه نه ٿي پيو ،
مومن به ته قرآن کـــي چمندو آهـي .

زنده جو رهڻ چاهيو اٿم چاجي شڪايت ،
'دم' واري جو 'دم' نيٺ ڏکيو ڪڇندو آهي .

ڪو موت به لڳندو آ منو ماڪيءَ جهڙو ،
ڪو رِجڻ وري وهه جو وٽو لڳندو آهي .

توريءَ ڪٿيان ڏينهن ڏکيا ڪٿجي ويندا ،
هن سنڌ ۾ سنـڌي به ته رهندو آهـي .

هڪ رات حياتيءَ جي انهيءَ وٽ به رهي ڏس ،
جت ٻار ٻکئي پيٽ سمهي پوندو آهي .

چڻ ساهه چڏي ويندو اٿم بک جي هوٿي ،
ڪو ٻار ڪاٿي به جڏهن روئنـدو آهي .

هـي لڙڪ به ٿي ان جـي آهِنمِ امانت ،
جو حق وٺڻ لاءِ وڙهـي مرندو آهي .

ڪمزور ۽ مجبور ڏسي آهه نـــه لاهيو ،
جو سر به ڪڏهن ڪٽ وڍي وجهندو آهي .

ٻيو ڏيهه سچو نند جي پاڪر ۾ هجي سڪ ،
'سرڪش' ته انهيءَ وقت اٿي لکندو آهي .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

مرض نفرت جو ويو ڪيڏو ته وگهري آهي.
زخم حساس طبيعت جو پيو اذري آهي.

ڪوڙ ايڏو ته مئو آهه لڳو ماڻهوءَ کي،
پار جي وات ۾ گڙڻ آهه يامصري آهي.

هاءِ الله! اڃان تائين نه نبريا فرقا،
ڏس ته هي پير جو ناسور به پيو نبري آهي.

آ نندڙيو هٿ ۽ وڏائيءَ ۾ وڏي ڪان زياده،
ڳپ ڪاني کي مگر ڪانهن پيو نسري آهي.

هي به ڪا پيار ۽ وهنوار سندي ڳالهه تا چئو،
هو چوي اِڪري پيو هي چوي ڦڪري آهي.

گيت ڳائي ته پيلا ڪير گلن تي ڳائي،
ويٺي جنهن باغ ۾ هر شاخ تي چهري آهي.

آهه جنهن ۾ محبت جو ذرو سمجهه اها،
ناهه دل ناهه، ڏبي منجهه ڪا ٺڪري آهي.

جنگ جي آءُ لڙيو ناهيان ته پوءِ چا ٿي پيو،
دؤر بيدرد ۾ جيئڻ به ته بي جگري آهي.

هاءِ سرڪش! تون اڃا تائين پڇائين پيو علاج!
دم وفا جو ته ويو راهه ۾ نڪري آهي.

*

کائن تہ مهمانــي سمجهي .
پين جا حق برياني سمجهي .

انسانــن افسوس ڦتو ڪيو ،
سچ وڏي نادانـي سمجـي .

اڄ تو ڪوڙ اکين تي رکجي ،
اوچي شيء انساني سمجهي .

ڏيڄارن تا مون کي منهنجي ،
دانهن بہ بي ايماني سمجهي .

هائو مــان لوڙايو وينــدس ،
ڪوڙ جو دشمن جاني سمجهي .

مون تہ گهڻوئي سمجهايس پر ،
ڪجهہ بہ نہ دل ديواني سمجهي .

آهي ئي نہ سگهيو ڪو 'سرڪش'
هيڻن جــي حيراني سمجهي .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

سختي سان ٽٽڙي پيار نہ ويندو آهي .
مشڪل ۾ ڇڏي يار نہ ويندو آهي .

مان تنهنجي تصور ۾ ضروري هوندس ،
شفاخاني مان بيمار نہ ويندو آهي .

وسنديءَ کي ڇڏي شوق مان ويراني ڏي ،
ڪوئي بہ سمجهدار نہ ويندو آهي .

جو نظر جي گوليءَ سان ڪري مار ٿو انجو ،
بيڪار ڪوئي وار نہ ويندو آهي .

آ گهاوَ ڏيڻ وارو هليو ويندو ان سان ،
گڏ گهاوَ جو آزار نہ ويندو آهي .

ساڻيهہ جي سرحد تي ڏئي سر ٿو خوشيءَ سان ،
ڪو سورهيہ لاچار نہ ويندو آهي .

فنڪار تہ فاني آ فنا ٿي، ٿي ويندو ،
فنڪار جو شهڪار نہ ويندو آهي .

'سرڪش' ٿي پوڻ منهنجي بہ مجبوري سمجهو ،
جو پيار سان پرمار نہ ويندو آهي .

*

لڳندو آ پاڻيءَ جي مَٿ تي وڻ ٿو لاهي ڪانءُ .
هو جو ڪوڙي آزاديءَ جو ڪٽندو آهي نانءُ .

نيٺ ته ڪرندو ڪيسين رهندو پياري لوڙهه ۾ دل ،
پوڙهي پاڻياريءَ جي ڪڇ تي هيءُ ٺڪر جو ٿانءُ .

چوڏهينءَ جي تشبيهه ڏيان جي، تنهنجي پهرينءَ ساڻ ،
مون کان منهنجي ذات رسي پئي دم ڏي ڦٿڪي ڏانءُ .

ريشم جهڙي ٻانهن سيراندي وينگس آڇي ڪا،
تنهنجو هوس ۽ تنهنجو آهيان، تنهنجو هوندس آنءُ .

جيون جي چوسول تي ’سرڪش‘ ٿي ويندو ميلاپ ،
جهوريو جيءُ جدائيءَ پر مون ناهي لاٿو هانءُ .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

جنهن ڏينهن نہ توکي ڏسندو هان، تنهن ڏينهن قيامت هوندي آ.
تنهنجي تہ سِرِي آ وينــدي پر، مون ساڻ تہ حالت هوندي آ.

سڀ آشائون ارمان کڻــي تو تلڪان تنهنجي پـــاڙي ڏي،
جنهن راهہ ۾ تنهنجو گهر آهي، تنهن راهہ ۾ راحت هوندي آ.

در تنهنجي گهر جو بند ڏسي، بي ڏوهہ غريب تي ڏوهہ رکي،
ڏيندو هان نصيب کي ڏوراپا، توکان نہ شڪايت هوندي آ.

نيڻــن ۾ سندءِ يادن جو سمنڊ ۽ منهنجــي تمنائــن جو وجود،
مان پاڻ تہ ويندو آهيان گهري، سڪ تنهنجي سلامت هوندي آ.

هي شام صبح ديدار سندءِ تو لاءِ تہ ڪائـي ڳالهہ نہ پر،
مون لاءِ تہ منهنجا محب مٺا، جڻ فرض عبادت هونـدي آ.

او پيارا! غم جــــي سختــيءَ مان چمنــدو هان تصويـــر سندءِ،
اڻ هوند ۾ تنهنجي مورت پيي دل واسطـي آٿت هوندي آ.

دل منهنجيءَ کي ڪولي تہ ڏسو، ڪيئن پيار تو 'سرڪش' چوليون ڏي،
ان ڏيهہ جو ناهيــان رهواسي، جت پيار جــي نافت هوندي آ.

*

*

ڪاري رات سناٽو ڇانيل گهايل من گهٻرائي.
ڪوئي منهنجي دنيا جي ويو چانڊوڪي چورائي.

اونده ۾ ڀيهي اکڙين ۾ وئي ڪاشيءَ ٿو نہ ڏسان،
دل جي ڏک ڏک تيز هوا جيئن دروازو کڙڪائي.

ساهه ابهرا دل ڪي ٻوسٽ لڳي اڻر جي هاءِ،
انــدر جو غم اندر ۾ ٿو ڪرڙي جيئن ٿڙڪائي.

بادل نيڻ وسن پيا ٻيئـي، ڪوئي آهـي ڇڻ،
هٿ ۽ پير ٻڌي ويو مون کي سنڌوءَ ۾ اڇلائي.

پنهنجو پاڻ سهارو ناهيان سوچيان ٻئي لئہ ڪيئن،
حال ۾ ڪير ٿو ’سرڪش‘ مون سان هٿ ملائي.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

هيڏي منهن تي مُرڪ مٺاڻ،
ڪاغذ جي گل ۾ سرهاڻ.

پنهنجو هون، سڏايو سيڪنهن،
اڪ جي ڪنهن نہ اڳهي آلاڻ.

منهنجا ڏند وڏا ها پر مُهن،
چڙٻ ڏني تہ ڪليس چاڪاڻ.

اٿيهين اونداهي ۾ ڪو،
چوي پيو چانڊوڪي آڻ.

'سرڪش' وقت وڃي ٿو وهندو،
جاني ڳڏجي جوين ماڻ.

*

Scanned with CamScanner

*

راس آئـي نہ هڪڙي گهڙي تو سوا .
ڪيئن ڪٽبي سچي زندگـي تو سوا .

روز ايـرن لهن سج چنڊ تـا مگـر ،
منهنجي اکڙين مان اوندهہ نہ وئي تو سوا.

دشمنيءَ ڪـي تہ سمجهيو اٿم ڏوهہ پر ،
ڪانہ ڪنهن سان رکيم دوستي تو سوا.

مون کي منهنجي ابائي شهر جـي پرين ،
ٿي لگـي هر گهٽي اوپري ڏ.و سوا .

عيد جو چنـڊ بيٺو نہ بيٺو تہ ڇا؟
ڪنهن کي ڏيکارٽي آ خوشي تو سوا ؟

توسان گڏ رات هڪڙي مٺي عمر کان،
عمر 'سرڪش' هي ڪاڏي ڪبي تو سوا .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

کو واڳيل ناڳي سان - کو ديس اباڻي سان .

هي پيار نه پلئو آ - ڪنهن پيڙ پڇاڻي سان .

يا تئي ٻلاءِ ڀيا - اٽڪاءُ نه گهاڻي سان .

هو ڪير تو واجهائي - پيو نيڻ نماڻي سان .

جي ڏيهه سڄو خوش آ - ڪر ٽيڪ وهاڻي سان .

هر سات هجي اربيل - مظلوم گهراڻي سان .

اي چيچ ! نه لڏندي ڪر - انسان اياڻي سان .

اوطاق وڏيري جي - آ ريدل ٽاڻي سان .

اڄ جيڪي وٺي سگهجي - ونجي نه سياڻي سان .

آ 'سرڪش' ڪنهن ٻئي جو - تون گهور نه ماڻي سان.

*

Scanned with CamScanner

*

سچ کان نہ ڪڍھن دوست لنوايو تہ چڱو .
پردا بہ ڪنن تان جي ھٽايو تہ چڱو .

ٿي سوچ اوھان جيءَ کي ڀلا ڇا ويو آھي؟
ڀوڙا تہ نہ آھيو نہ، ٻڌايو تہ چڱو .

ڳاڙھن جي ڪجي دانھن اُٿي ڪارو ڪوٺي،
ٻيڏوھہ ڪي ڪَوڙا نہ ھٽايو تہ چڱو .

سچ، زھر کان زيادہ ٿا ڪڙو سمجھو ويٺا،
ھي امرت آھي، نہ وڃايو تہ چڱو .

ٻن ماڻھن جي وچ ۾ اھو ويڇو ڇو آ،
يا پاڻ کي ماڻھو نہ سڏايو تہ چڱو .

ھڪٻئي ڏي ر ڳو مرڪي نھاريو جي تہ ڀي نيڪ،
ڀر سُرڪش، جي ڀاڪر پايو تہ چڱو .

*

Scanned with CamScanner

*

مٿي ۾ سور وجهي ٿو تہ تاج ڪهڙو آ؟
سڪون آهہ نہ جنهن ۾ سماج ڪهڙو آ؟

نظام آهہ عجب گهوٽ ڪنوار جي منهن ڪي،
ڏسڻ ڪان اڳ ۾ پڇي ٿو تہ ڏاج ڪهڙو آ؟

غريب ڌيءَ ڪي ناهي هٿي سگهيو ميندي،
پڇي ٿو ڪيئن انهيءَ ڪان تہ ڏاج ڪهڙو آ.

جتي ٻ جنهن ڪي وڏائيءَ جو ڪينسر ٿي پئي،
طبيب ڏس تہ انهيءَ جو علاج ڪهڙو آ.

ٻنٿيءَ جي ڏينهن پڇي ڏس تہ ڪنهن ٻہ راهڪ ڪان،
ڏنو جو توکي وڏيري اناج ڪهڙو آ.

ڪري پيو هڪڙو عياشي سوين بکون ڪاٽن،
اوهان جي شهر جو رسم رواج ڪهڙو آ.

ڏنو سون قرض تہ 'سرڪش' شوق. آزادي،
ملي نہ مور ٿي موٽي تہ وياج ڪهڙو آ.

*

*

موٽ مِحنت جي کاڻ تي گهرجي .
حق آ، بيک ڪانه ڪاڻ تي گهرجي .

زندگي آ ضرورتن جو نانءُ ،
شئي جيئڻ ڪي ڇاڻ تي گهرجي .

ڪالهه هوڪو ڏنو پئي آزادي ،
تنهنجي هٿ جوان تي گهرجي .

جنهنجي لفظن مان اچي خوشبوءِ ،
مون کي اهڙي زبان تي گهرجي .

جيڪا دولت ملي غلاميءَ سان ،
مون کي منهنجا ادا نه تي گهرجي .

هٿ منهنجو ٿئي ڪنهن جي هٿ هيٺان ،
اهڙي ’سرڪش‘ سخا نه تي گهرجي .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

*

رات ڪٽي سج اڀرڻ لئه ڪر موڙي پيو،
پورهيت وقت سان هٿ ۾ هٿ ڏئي ڊوڙي پيو.

موت جي منهن ۾ ڏيئي ڪوئي پنهنجو وجود،
وينو قوم سڄيءَ جو جيون جوڙي پيو.

جنهنجي پل تي سٽيو آ سرمايه دار،
ان جو آبهم پار بکن ۾ لوڙي پيو.

حق گهرڻ لئه سوين آيا ٿيا خالي هٿ،
سيٺ انهن تي بيٺو گوليون ڇوڙي پيو.

هو ڏس مظلومن جو مائٽ هڪڙو شخص،
ناڻون مل جيئن ناس پٽي ڪي ٻوڙي پيو.

'سرڪش' دونهان، ڏنڌ ڏماڪا چيريندي،
چؤبرجيءَ تي باغي جهنڊو ڪوڙي پيو.

*

Scanned with CamScanner

*

لکڻ جي لاءِ دل ڏاڍو ٿي چاهي •
حياتي توڙ تـــي پهتي نہ ناهي •

سچن جي واسطي سوري جڙي آ،
هو ڪوڙو آ، متان چاڙهيوس ڦاهي •

يزيدي دور ڪـي سمجهائڻو پيو ،
اچوڪي دور سان سينو نہ ساهي •

ڪيم پنجاهہ سڏ پورا نہ پو ُهن ،
وراڻيو چوهہ مان چڙبي نہ چاهي •

چڙهي ويو چنڊ تي انسان اڄ جو ،
اجهو آڪاش جا زيور ٿو لاهي •

اهو چو سامراجي نيت سوچـي ،
گرهہ ڪنهن پيٽ ۾ آهي نہ آهي •

نہ وجهڻو آ نہ پوءِ ظاهر ٿجي چو؟
جي وجهڻو آ نہ وجهجي هٿ ٺاهي •

آٿي جذبن وڌڻ چاهيو پئي ’سرڪش‘ ،
ڇيو ڏاهـي اڃا ڪجهہ دير آهي •

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

*

جن ريتين پٺي رت پڇاڙيو ڪلهه، ايرن ڪان آسودن تائين.
تن چال ڏياريو جذبن کي اڄ پاڪر ڪان بندوقن تائين.

او مون کي ڪافر ڪوٺيندڙ! جئن ڪوڙ چاهين ڪوٺ مگر،
ڪجهه منهنجي پي تاريخ ته پڙهه تون، عربن ڪان ارغونن تائين.

مان سينو کولي ڏيکاريان، هي پيرا پيرا ڀهليل دل،
هٿ رستي ڪان ڪا جاء ته ڏي هن جانيءَ جي جاسوسن تائين.

انصاف ويو بي موت مري، تن منهنجو قاتل پيٽ گهريو،
جن پيٽ ٻڪين کي ڪارايم، پٺي ماني ڪان معجونن تائين.

هي هٿ جا ناهيل ڪوڙ ڪڏا، قانون هڙئي بي قانونا،
ڏس ڪيئن چڙيان ٿو چرڪائي تون هل ته وڃي قانونن تائين.

مان اربيا آهن اربيندس، هن پياري ڏيهه جي پورهيت کي،
هر ادمي ڪان ارمانن تائين، گيتن ڪان مضمونن تائين.

مان ڳل ته نه آهيان واس وٺي ڪا ٻوري يا ڪو ٻؤنر اچي،
هڪ تيلي ٻاريل ٻهتي آهيان ظالم جي دستورن تائين.

هو ويچ نه هو ڪو ويري هو جو ڳهرن ڳهرن گهاون ۾،
جنهن ٻرڪي ٻرڪي لوڻ پڇايو سورن ڪان ناسورن تائين.

او واءُ گهلائڻ وارا! اڄ ڪنهن واڇوڙي کي موڪل ڏي،
جيئن ڌرتيءَ جي هن ڳولي تي پيغام پڇي مظلومن تائين.

چپ چاپ وڪن ڪي تيز ڪٽو اي مزدورؤ! شبخون هڻو،
ڪٽ ڌرتي ڦاڙي ڳم نه ٿين، ڪن جن نه ٻوي قارونن تائين.

هي ڏکيا ٻکيا ڏوهه ٻنا، سڀ ماڻهو جو محبوب اٿم،
ڪو قوت ملي ڪا جوت اٿي، ڪا مرڪ ٿري محبوبن تائين.

ان سوچ سڄي کي ساز ڪٽي، جنهن مايوسيءَ جي هيڊ چٽي،
اي 'سرڪش' ڳڀرو جوانن توڙي، جهونن ڪان معصومن تائين.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

بر وقت سندس پيار ته ڏاڍو مزو ڀيو ڏي.
هاڻي ته وزي مونکي جيئڻ ۾ نٿو ڏي.

وک وک تي سندس روش ۾ ايذو ٿي ستائي،
اڳ چائي کي جيئڻ ماءُ ڪا ماٺيجي گهٽو ڏي.

لڙڪن جو سهارو ٿو وڻان غم جو وڏي ٿو،
ڀيو ڪير ٿو دنيا ۾ غريبن کي اجهو ڏي.

مون کان نه ڀڄو منهنجي اکين ڏانهن نهاريو،
هر لڙڪ ستمگر جي ستم جو ٿو پتو ڏي.

دل پاڻ ڏئي ڏوهه نه ڏي يار تي 'سرڪش'،
ڪنهن تو کي چيوهو ته تون ڪوني تان ٽپو ڏي.

*

*

چاهت پنهنجي جوان جماڻ،
دل ڙي پي آ ٻور ٻهاڻ.

ھن ڏي تون واجهائين ڇو ٿو،
تڙپان ٿو مان تنهنجي ڪاڻ.

زاهد ويچارو ڇا ڄاڻي،
مئي ڪي تون رندن ڏي آڻ.

عمر سڄي جنهن شربت پيتو،
رڪندو ڇپ تي ڪيئن ڪڙاڻ.

مون سان تون ائين هوندو ڪر،
چنڊ سان جئن چانڊوڪي ساڻ.

هٿ ۾ هٿ ڏي ڦيريون پايون،
جيون ڪي واچوڙو ڇاڻ.

'سرڪش' سڪ هوندي آ سون،
سون ۾ ايندي ناهه پراڻ.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

تنهنجي مک تي سرنهن سڻاڻي،
منهنجي دل ۾ سک ساماڻي.

منڙو ٻول هوا ۾ گونجيو،
گلڙن مان سرهاڻ اڏاڻي.

جيون منهنجو اڻ تارو ۽،
تنهنجو پيار آ بيٽل پاڻي.

ٻوڙيندو ها ٻوڙيندو مان،
ٻڏن تہ آيس چاڻي واڻي.

آشائن جي قلواڙي ۾،
آگ لڳي جا ڪان وساڻي.

توريءَ 'سرڪش' سيني ۾ دل،
ڌڙڪي تي پر ساڻي ساڻي.

*

Scanned with CamScanner

*

کھڙو حال ٻڌايان ڏول ۔
جيون منجھہ پيا ھن ڏول ۔

ٻين جي آءٌ تہ چاڙان ڪانہ ،
پنھنجي چاھت آھہ پٽول ۔

جُوھہ وجھي تہ نھار نہ تون ،
ٻـڌرا ٽيندا دل جـا پول ۔

ايريو چنڊ تہ ايريا لک ،
مانيءَ ڪارڻ ٻاتـا ٻول ۔

نڪتا گُٽِڻ ستارا شايد ،
خالي پيٽ ۾ قاتل جھول ۔

پرڪي نيٺ ڏٺا مون رات ،
ڪوڙا نڪتا ھن جا قول ۔

ھيءَ حياتي ٻيو ڪجھہ ناھہ ،
انسانن تي آھہ ٺٺول ۔

’سرڪش‘ اھڙا ڏينھن سهيئي ،
جھڙا ڪي ڪي ماڻھو رول ۔

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

وقت اهڙو ته اچــي نڪتو آهــي،
لڙڪ تـي لڙڪ وهي نڪتو آهي.

مون چميو هٿ هن چمات هنئي،
يار ڪاٿي ته وڃــي نڪتو آهي.

منهنجي نيڻن تي ڪي نشان ڏسي،
تا چون گهران رسي نڪتو آهي.

سچ ڪـــي ڪير تو پناهه ڏئــي،
ڪوڙ ڪيڏ فوج وٺي نڪتو آهي.

امن جو ڪفن دفن تــه ڪجي،
پنهنجي در تان جو مري نڪتو آهي.

سوچ جي سرحدن تي چوڪس ٿيو،
ترس دل مان پڄــي نڪتو آهي.

گيت 'سرڪش' جو ڏس ته اي ساٿي،
سور دنيا جــا ڪٺي نڪتو آهــي.

*

*

سچ ڪوڙ جو ڪنهن وقت ڪان ٽڪرو آهي،
انسانُ ٿيو انسانَ جو ٻڪرو آهي.

هو ڳالهه نه جهڙي تي سڏي ٿو ڪافر،
ٿيو ڪيڏو مسلمان اُپهرو آهي.

هٿ جنهن جو وني آ هلڻ پئي چاهيو،
اندو ۽ ڪنن ڪان ٻه ته گهرو آهي.

ٻاهر ٿي جڏهن ساهه ٿو گهٽجي ساٿي،
تو ڪيئن ڪٽي بند ڪيو ڪمرو آهي.

هي رنگ برنگ شيش محل تنهنجا آهن،
هو آپ اسان لاءِ ٻه ڇپرو آهي.

*

Scanned with CamScanner

*

پير آهي، زوار يا حاجي آهي ۔
گبر آهي ته سامراجي آهي ۔

مون مسڪين جا لڙڪ اگهڻ ٿي چاهيا ،
ٿي حويلي ۾ ناراضگي چاجي آهي ۔

هيءَ ذلت هي ظلم، هيءَ مظلوميت ،
آهي انسان جي حرڪت، نه خدا جي آهي ۔

ڪنهن جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آ ،
ڪنهن جي لاءِ ته هر ڳالهه رواجي آهي ۔

توڙي انسان وڃي چنڊ تي پهتو آ اڄ ،
پو به، نه هرقوم غلامي کان آجي آهي ۔

هي ڪٽرپڻا ۽ مذهبي ڇڪتاڻيون ،
سچي اڻ برابري سماجي آهي ۔

آهه 'سرڪش' ضروري تبديلي ان جي ،
ڇو ته بيمار کي ٿي گهرج دوا جي آهي ۔

*

Scanned with CamScanner

*

پيار کان پالهو رهڻ ممڪن نہ آ.
زهر کائيندي جيئڻ ممڪن نہ آ.

تو سوا هي زندگي ڪٽبي تہ ڪيئن؟
سمنڊ ۾ پيادو هلڻ ممڪن نہ آ.

دوست ڏي ڏسندي اکيون ڏاپن نٿيون،
ڏيؤ هوا کائي ڪرڻ ممڪن نہ آ.

ساهہ تي ويساهہ جو ويچار ڇو؟
لفظ پاڻيءَ تي لکڻ ممڪن نہ آ.

آ ملڻ مرڪڻ حياتيءَ سان ٻڌل،
موت تي مرڪڻ ملڻ ممڪن نہ آ.

باهہ جا ساڙيل بچي ويا ڪيترا،
تو اڳيان بيهڻ بچڻ ممڪن نہ آ.

زيادتي هڪڙي هجي سهجي ڪٽي،
عمر ڀر 'سرڪش' سهڻ ممڪن نہ آ.

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

جي سچ ڪري سوچ سياڻي ته چڱو آ.
انسانُ ڪي انسانُ سڃاڻي ته چڱو آ.

ڦوروءَ ڪي ڪڏهن اڳتي ڦباڻ نه ڏبا حق،
ڦرمار ڇڏي پاڻ ڏي هاڻي ته چڱو آ.

جنهن ڏينهن تئي ڏيهه ۾ ڏاڻ جي پڇاڻي،
الله اهو ڏينهن جي آڻي ته چڱو آ.

مسڪين ڏني مُرڪ ته ڪو ڏوهه نه ٿي پيو،
سهڪي جو پٽيو ساهه نماڻي ته چڱو آ.

پڪڙڻ ۾ پهنوارن جي پناهُن ڏي تڪيندڙ،
ساڃاهه جو قاتل جي پلاڻي ته چڱو آ.

هن ديس جي ڌرتيءَ سان نئون نينهن نه آ پر،
نئون روپ وٺو پيار پراڻي ته چڱو آ.

هر دور جي تاريخ ضميرن جي ڪندي ڳالهه،
لالچ تي نه ماڻهو جي وڪاڻي ته چڱو آ.

*

*

ٿي رات منجهان صبح سويرو تہ خوشي ٿئي ۔
مارو نہ ڏسان ملڪ ۾ ميرو تہ خوشي ٿئي ۔

هو شيرمحمد ڪٽي پورهيت آ تہ بہ ،
ڪو سيٺ سڏي ڪيس نہ شيرو تہ خوشي ٿئي ۔

انسان کي انسان جو احساس ٿئي پيدا ،
اهڙو ڪو اچي وقت ۾ ڦيرو تہ خوشي ٿئي ۔

ڪنهن نيڻ نماڻي مٿان آلاڻ نہ ڏسجي ،
هرڪوئي هجي ڪل ۾ ڪيرو تہ خوشي ٿئي ۔

جو پنهنجي هٿن سان ڪمائي اهو کائي ،
ڪوئي نہ هجي ڪنهن جو وڏيرو تہ خوشي ٿئي۔

زيتون جي ٽاري تي ٻئي ساهہ پٽن گڏ ،
اي دوست! جڏهن باز ۽ ڳيرو تہ خوشي ٿئي۔

سک جن نہ ڏٺو تن کي سڄي عمر ۾ 'سرڪش'،
الله ڪري هڪڙو پيرو تہ خوشي ٿئي ۔

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

نندا کا کر نيڻ نہ ساڙي !
هير ا کيون اوجاڳن تـــي ۔

هٿ ۾ پير هــــلائڻ وارا ،
پاڙي ويھ نــہ پاڳن تي ۔

هاڙهين توسان هئي ڪئي آ ،
تون آن راڳن چاڳن تـي ۔

لڏنــدين آخــر ڪيستائين ،
ڪچي سٽ جي ڌاڳن تي ۔

وک وک تي مانجهادا ماڻڻ ،
ڪيئن رسائــن ماڳن تــي ۔

چاڙي واڙـــي لوڻ ٿو برڪين ،
پنهنجي دل جي داڳن تي ۔

جن جي جاءِ اکين ۾ آهي ،
اڇلــي ويھ نہ آڳن تــي ۔

دنيا ڪاٺئون ڪاٺي پهتـي ،
’سرڪش‘ پيرن ساڳن تي ۔

Scanned with CamScanner

*

دل تي آهي سارو اڪريل •
پٿر تي ڪجهه لکيو ناهي •

لوهه جا ليڪا ڍاهي سگهبا ،
ياد جو ليڪو ڍهيو ناهي •

آڏو جهل نه اياڻا هٿ ڪي ،
سچ تريءَ سان لڪيو ناهي •

سر ڏو گهرجئي لاهي وٺ پر ،
جيون مقصد ڇڏيو ناهي •

سڪڻا ڪر سوداءَ نه مورک ،
اپ تان چنڊ نه لهيو ناهي •

جنهنجو آهيان تنهنجو آهيان ،
ٻئي ڪنهنجو ٿي جيئو ناهي •

ويچ ٻڌي ڇڏ بن دلبر جي ،
دل جو گهاءُ نه ڇٽيو ناهي •

پنهنجن وهه به ڏني پي ڇڏبي ،
غير جو شربت پيتو ناهي •

يار جي در تي سر پيو هوندو ،
ٻئي جي ڪچ ۾ رکيو ناهي •

سندو آهيان موهن چمندس ،
آرَ وچن جو مٽيو ناهي •

اکر اکر ۾ آهه پريل آ ،
ڪول نه 'سرڪش' سڪيو ناهي •

جيئي سنڌ جيئل ڪتاب گهر

*

اڪثرين ۾ اٽل آهي، غزل ڪيئن چوان.
آواز بدل آهي، غزل ڪيئن چوان.

اڳ جنهن جي سهاري سان پئي ساز کي ڇيڙيم،
سا ٻانهن پڱل آهي، غزل ڪيئن چوان.

محبوب ڪٿي ڪيڏو تون وارن کي سنوارين،
مايوس جو دل آهي، غزل ڪيئن چوان.

گلڙا ته ڇٽيا، ڏار سڪا، ٻؤنر ٿا ڦٿڪن،
بلبل به مثل آهي، غزل ڪيئن چوان.

ڳايان ته ڪٿي اهڙو جو طوفان ڪڙا ٿين،
پر ٻاهه ٻريل آهي، غزل ڪيئن چوان.

غم درد جي ڪوري ۾ سڙي خاڪ ويو ٿي،
خوشين جو ڪنول آهي، غزل ڪيئن چوان.

ناريءَ جي انهيءَ نيڻ هراسيل جو قسم آ،
هر جذبو ڪٺل آهي، غزل ڪيئن چوان.

جنهن سينڌ کي سندر سان سنوارڻ ٿئي گهريائين،
سا رت سان رڱيل آهي، غزل ڪيئن چوان.

ٿاڪا به چپن جا ڪٿي ٽڙڪي به پون ها،
پر چپ وڏيل آهي، غزل ڪين چوان.

مون جنهن کي ٻڌائڻ پئي گهريو پنهنجو غزل سو،
ساٿي به مٽل آهي، غزل ڪيئن چوان.

هر نڪتي ۾، هر اکر ۾، هر لفظ ۾ 'سرڪش'
بارود ڀريل آهي، غزل ڪيئن چوان.

Scanned with CamScanner

ڪوڙن سان ڪري خير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !
ڏانڊن تي رکي پير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

ويري جي هئا تن کي سڏي ير ۾ ويهاري ،
پنهنجن سان رکي وير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

پڌرا ته هيا پير هـــي پاڙين جا پري ڪان ،
پلجـي نه ڏسي پير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

دلبن ۽ دلاسن تـه ڪٽـي تار ۾ لاتـو ،
دلبن جي وجهي هير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

اڄ سوچ جي سنسار ۾ احساس ٿـا ڦٽڪن ،
جذبن جا کهي ڍير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

دل پنهنجـي مگر درد ۽ ڏک سور پـراوا ،
گهر منجهه سڏي غير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

روئڻ ٿو اڇي پنهنجي انهيءَ سمجهه تي 'سرڪش'
ٻيرن کان گهري ٻير ڪيم ڪيڏي نه غلطي !

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

مذهب هجي يا ڪونه هجي ماڻهپو هجي .
انسانيت جو هر قدم تي ڪراچو هجي .

خودغرض جي نماز ۽ روزا عبادتون ،
مسجد ۾ جيئن نوسڻ آيو ڪتو هجي .

مندس خدا نه توڙي سجدن ۾ ڏينهن رات ،
پانڊي، ملان ۽ پوپ ڪو اونڌو پيو هجي .

ماڻهن جي ڪرڻ سيوا، سجدن سَوَن کان وڌ ،
سجدو اهو ڀلا جيڪو سڪڻو سجو هجي .

تقويٰ ۽ زهد تنهنجا زاهد چڱا مگر ،
ڪاڏي جي مهل ڏس متان پر ۾ بکيو هجي .

مسڪين جي رسامي جو ڪونهئي خيال پر ،
جاچي ته ڏس خدا به نه تو کان رنو هجي .

انسانُ سو آ جنهن ڪي انسانَ جي مٿان ،
ڪنهن بيڪسيءَ جي وقت ۾ ايندو جهڙو هجي .

انسانُ ذات آهه ته هن ذات پات ڪي ،
تيلي هٽينرس جيئن ڪو دم سوجهرو هجي .

*

Scanned with CamScanner

*

دشمنن سان رکي دوستي مون ڏني ۔
زهر جا ڍڪ پيري زندگي مون ڏني ۔

جنهن کي سجدا ڪيم، جنهن جا پٿر چميم،
تنهن جي طرفان رڳو بيرخي مون ڏني ۔

ساٿ جنهن ڪاٿ سان عمر پير جو ڏنو،
ڪاٿ ڳهائي وڌي سا آڌي مون ڏني ۔

عيد جي ڏينهن تي هاءِ تر جيتري،
ڪانڌ مارن جي مُنهن تي خوشي مون ڏني ۔

ڏينهن جي لاش تي رات جو آ ڪفن،
روئي ڪولي ڪفن روشني مون ڏني ۔

جنهن کي ڳانو پڌو، رات ميندي لڳي،
ڪانڌ ويس اڄ ڪُسي ٿي رني مون ڏني ۔

هاءِ ڌرتيءَ تي جن ها آڏايا منجهه،
تن مٿان آپ مان وڄ ڪري مون ڏني ۔

ساهه سُڪندا رهيا، تون ته خاموش هئين،
ڪيڏي ساٿي سنڌ بي حسي مون ڏني ۔

پير ۾ سرٻاٽ ٿيو ڪنهن چيو پئي پڌم،
تنهنجي ’سرڪش‘ اها سرڪشي مون ڏني ۔

*

جدا توکان آ رجيئون پهر هڪڙو،
ٻنا پاڻيءَ جي هوندو آ ڪنول ڪو.

ٻرهه جي ماڪ هوندي آ گلن تي،
ڪڏهن ٿيندس نه ٿانئن ۾ جياپو.

آ تنهنجي ياد جرڪايو تخيل،
اٿين چڙ سمنڊ ۾ آ چنڊ اڀريو.

اڪيون ڏاين ٿيون تنهنجي ڏسڻ مان،
ٽري قاتل ڪٿي آ ٿانءُ ڀربو.

گهٽوئي دل کي سمجهايان پيو پر،
جتن ڪر ڪيترا پاڇو نه وڃبو.

وهايل نير نيڻن جو هيو يا،
وڏو ڪو مينهن سانوڻ جو پيو هو.

وڇوڙو ٿو ولوڙي عمر 'سرڪش'،
مڪڻ وانگر اجهو هي ساهه نڪتو.

*

*

توکان ڏار ٽُٽڙي کا گهارڻ آهي ناممڪن .
سر ٽڪرائي ڏونگر ڏارڻ آهي ناممڪن .

پٿر تي آ ليکو تنهنجي ياد پيارا سائين ،
دل جي ڦرهيءَ کي ميسارڻ آهي ناممڪن .

توريءَ جيون دوزخ جهڙو ساهه پٽي ڪيئن ساهه ،
تانسڌن ۾ کو گل اپارڻ آهي ناممڪن .

دل جي گهر ۾ تون وينو آن، تنهنجو قبضو آ ،
اج ڪلهه پهريدار اٿارڻ آهي ناممڪن .

توکان سور مليو آ تڏهين سيني اندر سانديم ،
ورنه ته ويريءَ ساڻ گذارڻ آهي ناممڪن .

رئندي بار غمن جو هلڪو ڪرڻ گهران ٿو پر ،
پاڻهَ کي پاڻيءَ ۾ ڳارڻ آهي ناممڪن .

’سرڪش‘ جو ٿو ساهه وڃي جي اڇٽو ٿي اچ آهُ ،
مٺي پڇاڻان مٺل جيارڻ آهي ناممڪن .

*

Scanned with CamScanner

*

مان به نه ڪک جو مندو تون به نه.
هڻ ڪنهن منهنجي حق تي ڏاڙا.

ٻاڙو ٻاٽي ٻي سگهبو آ،
ٻول نه ٻڌبا آهن ٻاڙا.

دريا جي ٻن ڪپرن وانگر،
تون مان آهيون جاڙا جاڙا.

تون پنهنجي گهر وچ، مان پنهنجي،
ڪين ڪلايون اوڙا پاڙا.

تون پنهنجن جا مان پنهنجن جا،
آ ته ڍڪايون انگ اگهاڙا.

بک کان پيٽ پٺي هڪ ٿي ويا،
ماڻهو آهن تختا تاڙا.

ننهن سان نبري ڪاٽي آٽي،
چالهه ڦاڙيون پيٽ پٽاڙا.

هي جي ويري چائي چم جا،
رت چو پيئن ڪاٽ ڪهاڙا.

ٿي ويندو ويڙهاند ۾ جيون،
تنهنجو منهنجو داڙا ڦاڙا.

پيار امن سان گهاريون ’سرڪش‘،
جيون جا هي چار ڏهاڙا.

*

جوءِ لتاڙي جوڀــن آيو ۔
لال گلابـــي گــل شرمايو ۔

هڪ جيڏي کي چاهڻ واريءَ ،
چوريءَ دل ۾ نينهن نيايــو ۔

چاچاڻي گهر لاڏا ڳـــايا ،
نينگر جـي مڱڻيءَ جو سعيو ۔

زهر لڳس ڇــو نيڻ پتـاشا ،
رات اٿس گهروارو ڇايــو !

چپ ڀڪوڙي ڀيڻــي روئــي ،
پاءُ وڏي کــي ڀاڪــر پايو ۔

چاچي لاءِ هـــي جوڀن آيو ،
وقت اجايــو ۔شرُ ڪڏايو ۔

*

Scanned with CamScanner

*

ڪنهن کي پايان تنهنجو مَٽُ .
چاهت منهنجي ناهي چٽ .

تنهنجو منهنجو هٿ ۾ هٿ ،
پيو چوهن جي پيٽ ۾ وٽ .
ڌرتي ساري گل ئي گل ،
شاعر هوندو آ پوپٽ .

اڳتي ويندڙ هڪڙو ناهيان ،
روڪ نه رستو پرتي هٽ .

سونو چونه هجي سچ پچ ،
سونهين ٿو نه ڳچيءَ جو ڳٽُ .

نڪري سچ ڪندو اوچيئڙو ،
چار گهڙيون ڪرن جو لٽ .

پيو ڪو مون کي چاپي ڪوئي ،
آءٌ نه پونءَ جو آهيان پٽ .

آزاديءَ جي متوالن جو ،
ويندو ناهي سر ڦوڪٽ .

گهٽ ِ تڏهن اڄ آهين ’سرڪش‘ ،
پهريون ڪونه جهليو تو گهٽ .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

*

محبوب جڏهن ڪنهن ڪان رنل هوندو آهي .
عاشق ته اهو جيئري مئل هوندو آهي .

تون منهنجي تصور ۾ هميشه هوندين ،
سهڻي جي اکين منجهه ڪجل هوندو آهي .

هڪڙي به گهڙي تنهنجو وڇوڙو مون لئه ،
الله ڏسو ڄاڻي ته اجل هوندو آهي .

دل ڦرڻ ۾ هڪ تنهنجون نگاهون نه ڏوهاري ،
ڀرمار سان تر وارو ملبل هوندو آهي .

اکڙين ۾ ڀريل لڙڪ ۽ لڙڪن ۾ وري تون ،
جئن بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪنول هوندو آهي .

هر پيار تڏهن ئي ته ٿئي آهه پوندو ،
ذهنن ۾ جڏهن ڪوبه خلل هوندو آهي .

تون مان ته ڪڏهن ڀي نه ٿيڻ جا آهيون ،
دنيا ۾ ابد سان ازل هوندو آهي .

ڪو اهڙو به ناتو اي مٺا آهي جنهن جو ،
ڪاٿي به ۽ ڪوئي نه بدل هوندو آهي .

مون سان جو ڳالهائي مٺي منهنجي ٻولي ،
رشتي ۾ اهو منهنجو ادل هوندو آهي .

ڪي داڳ دڪي دل جي مٿان ايڏا آهن ،
جئن باهه جو ڪو ٻار سڙيل هوندو آهي .

مان پنهنجيءَ لڙڪن ۾ ٻڏي ويندو آهيان ،
سامهون جو ڪوئي نيڻ ڀنل هوندو آهي .

ڇو سنڌ جو هر دوست ڏسڻ ۾ ٿو اچي ائين ،
جئن شهر ڪو صدين کان قتل هوندو آهي .

هن منهنجي مٺي ديس ۾ هر دؤر جو شاعر ،
ڪو شاهه، ڪو سامي، ڪو سچل هوندو آهي .

پيڙائون سهي پاڻ پٺوڙيندو رهيو جو ،
دنيا ۾ اهوئي ته سڦل هوندو آهي .

ان لاءِ نه آ ماڳ رسڻ مشڪل ٿيندو ،
جو مرد ارادن جو اٽل هوندو آهي .

ڪنهن يار ڇيو پئي ته ضميرن جي ڳالهه نه ڪر ،
چاڪاڻ ته ضميرن ۾ ذلل هوندو آهي .

پر جيڪو ضميرن جي نه ڇئي ڳالهه اي ’سرڪش‘
سو وات نه هوندو آ بغل هوندو آهي .

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

*

ڪوڙ ويو آ ملي خزاني مان.
تو نهاريو جو بادواني مان.

آ وئي ڦلجي گلاب جي ٻوءِ،
سونهن واري جي آستاني مان.

آءُ نڪرڻ ڪڏهن نه چاهيندس،
تنهنجي نظرن جي قيدخاني مان.

ڪالهه ڪان وٺي تو ساءُ اچي،
زندگيءَ ڪي انهيءَ زماني مان.

گهر اندران ڏسڻ ته ڪافي پر،
ٻڪ لهندي نه بارداني مان.

آهه نٿهڻ جو مون کي ڇانوَ ملي،
ڪنهن جي اکڙين جي شامياني مان.

امن قائم جڏهن ٿئي مسجد ۾،
مون کي سڏجو شرابخاني مان.

پيار جا لفظ چونڊ اي 'سرڪش'
مختصر عمر جي فساني مان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

چو سوڙ پائي سمهيو آهين آٿڻ جـي بـدران .
منهن ڏجي ميـر وجهي دوست لکڻ جي بدران .

ڪائي غيرت به اٿئي يا نه اٿئي ڏس ته صحي ،
سات دشمن جـو ڏئين چوٿو سڄڻ جـي بدران .

ڪو حيا شرم، ڪائي لڄ، ڪوئي نڪ اي جعفر !
ڪهڙي منهن ساڻ تون مرڪين ٿو ٻڌڻ جي بدران .

باهه وڌندي تـــي وڃي ڳوٺ سڙن تـــا سارا ،
ٿي پٽين پاڻ چو پاڻي تـــي پوڻ جـــي بدران .

ماءُ جيجل نه هجئي ، راس نه ڪا بخشئي ٿـڃُ ،
قوتُ تي قوتُ ڇـوئي ، جيءُ چوڻ جي بدران .

ڊينگُ جيئڻ جو اي 'سرڪش'! ڪوڪلاٽي ڪان سکي،
آ چڱو موت غلامـي ۾ جيئڻ جي بدران .

*

*

نيڻن ۾ پـــري نينهن نهاريو هونـــدءِ .
مسجد جي اندر زاهد به ماريو هوندءِ .

ٿين رات آ اڄ چنڊ نه ٿيو آ ظاهر ،
وارن ڪـــي متان ڪين سنواريو هوندءِ .

توکي جو ڪيم ياد اکيون اٿليون منهنجون ،
مون کي به ڪڏهن اِئين سنڀاريو هوندءِ .

صدين کان لڳل حق ۽ ناحق جي لڙائي ،
همت کي متان گرڙيءَ جيئن هاريو هوندءِ .

رت جهڙيون اکيون لال ڏسڻ منجهه نشيليون ،
ڪا راهه تڪي سج ايـــاريو هوندءِ .

سا آس- وني واس، سگهي ناهي اڄ پي ،
جنهن جڳ ۾ اڃا سوڏو جياريو هونـــدءِ .

تون ننڊ جي پاڪر ۾ هئين 'سرڪش' سو گهو ،
مظلوم جـــي دانهن ئـــي اٿاريو هوندءِ .

*

*

سونهن وارا جو سنواريا تا اچن .
عشق وارا ڪوڙ ماريـــا تا اچن .

رهزني ڪان ڪيئن بچندو قافلو ؟
رهنما، ئي هانءَ هاريا تا اچن .

نينهن واري دل جو ٿيندو ڇا حشر ،
نين جو سامهون خماريا تا اچن .

مرڪ پنهنجي ماڳ تي مس ٿي پڄي ،
ٻوٽنان لڪ لڙڪ لاريا تا اچن .

چاهه اڻ آريا اڃهو ڳولهن ڪٿي ؟
نفرتن جـــا آڙد آريا تـــا اچن .

درد مون ڏي تا اچن 'سرڪش' ائين ،
سنڌ ۾ جيئن روز ڌاريـــا تا اچن .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

*

لوٽين جي تہ پارت ڪئي ويندي آهي .
شرفاء سان شرارت ڪئي ويندي آهي .

لالچ جي بنيادن تي وري ياريءَ جي ،
تعمير ِعمارت ڪئي ويندي آهي .

اندر ۾ پليدن تي پليديون اڻ ڳڻ ،
ٻاهر تہ طهارت ڪئي ويندي آهي .

هي پاڪ وطن آهہ مسلمانن جو ،
ماڻهن ڪان حقارت ڪئي ويندي آهي !!

در در تي الفت ڪي پچائين چوٿو ؟
نفرت جي تجارت ڪئي ويندي آهي .

جيئرن ڪي نہ ڪومانُ نہ ڪاماني 'سرڪش'
قبرن جي زيارت ڪئي ويندي آهي .

*

*

ڪٿ ٻار دوا هوڻـــي بيمــار پيو آ .
ڪنهن گهر ۾ رپين سون جو انبار پيو آ .

ڪو جسم ٻه اڌ ننگو نياڻيءَ جو ڏسي لوڪ ،
ڪنهن ڪنڊ ۾ هيرن سان جڙيل هار پيو آ .

ڪٿ چلهه نه ٻري آهه ، اجهو پيو ڏينهن لاڪر ،
ڪنهن ڪوفتا پئي هاريا جو منجهن وار پيو آ .

نفرت ٻه ڪٿي آهه ٻهارن جي ڪلهن تي ،
ڪٿ سرءُ جي پيرن ۾ وچي پيار پيو آ .

هن ڌيءُ ويهاري آ چـڏي پيٽ گذر لئه ،
غيرت جو آرهه نوٽ تـي نروار پيو آ .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

*

تو کي مون وٽ رات پئي آ .
ٽر ۾ چڻ برسات پئي آ .

پنهنجي منهن تان وار هٽايئه،
پٽري تي پربات پئي آ .

ٻانهن سيراندي ڏيندڙ پياري،
ڏس ته اڄا اڌ رات پئي آ .

دل کي جيڪا ساهه ڏني تو،
سالم سا سوغات پئي آ .

پنهنجي چَپ جي چُوس ته ناهي،
ٻار کي مصري وات پئي آ .

تنهن جي ٻاجهه ۾ منهنجي جهولي،
ذات اڳيان ڪمذات پئي آ .

تون جا پرتو آهين 'سرڪش'،
پر جي پنهنجي ذات پئي آ .

*

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر
Scanned with CamScanner

درستون

صفحو	سٽ	غلط	درست
۱۴	۱۰	هان	هانءَ
۱۵	۱۱	وڳور	وڳوڙ
۱۷	۴	ائٺي	اٺئي
۱۸	۹	دست	دوست
۲۰	۴	امن ايمان	امن ۽ ايمان
۲۷	۲	رڌ	رنڌ
۳۰	۵	ماڻهو	ماڻهپو
۳۶	۲	پڙڏاڏو	پڙاڏو
۴۱	۱۰	ڇڏ	ڇڏي
۴۱	۱۷	هاري	ماري
۴۵	۷	هٿوڙ	هٿوڙو
۵۱	۶	اندر انسان	اندر ۾ انسان
۵۹	۱۳	شوخيلي	شرميلي
۶۴	۱۴	ڊاهي	ڊاها
۶۷	۵	ڏاڏي	ٽاٽي
۸۱	۱۵	ڀيو	ڀيون
۸۲	۱۶	ٻار ڪاٽي	ٻار ۽ ڪاٽي
۸۳	۱۳	۾ محبت	۾ نه محبت
۸۷	۱۱	سختيءَ مان	سختيءَ ڪان مان
۸۸	۱۰	حال	هيٺي حال
۹۳	۱۳	شوق-	بشوق -
۹۸	۳	ويچ	ويچ
۱۰۱	۱	سرنهن	سونهن
۱۰۴	۵	آ	آءَ
۱۰۷	۱۲	وڌو	وتو
۱۰۸	۹	سان	ساڻ
۱۲۱	۱۳	ڳالهه نه ڪر	نه ڪر ڳالهه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جا ڪتاب

شايع ٿيل:-

١- ”وکريل موتي“ (ڊاڪٽر حامي جا مقالا) اٺ روپيا

٢- ”زندگيءَ ڏي موٽ“ (ڪرشن جون ڪهاڻيون) ڏهه روپيا

٣- ”ڪرٽا ڪرٽا“ (ٻارن لاءِ شاعري) پنج روپيا

٤- ”امن آب حيات“ (سرڪش جي شاعري) ويهه روپيا

ايندڙ ڪتاب:-

١- ”ساروڻيون“ قاضي عبدالحي قائل

٢- ”ڏيا ڏيا لاٽ“ حاميءَ جون رباعيون

٣- ”سيلف پورٽريٽ“ مقصود گل

٤- ”پيڙائون پچرن“ شاعري منظرحيات قاضي

لکپڙهه لاءِ

مختار گهمرو

سرڪيوليشن مئنيجر

سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جيڏو سرڪش ٿيندو واڳي، سانوڻ رُت جو جهومڻ،
جيڏو سرڪش ٿيندو واڳي، پوندا ڏهي ڏهي فرعون نيڻ.

جيڏا ئي سرڪش سوچڻ ٿيندي قوم جا اڳيان واري، هوا!
جيڏا ئي سرڪش ٿيندي تيئي سچائي جي تبتي ساري، هوا!

جيڏو سرڪش ٿيندو واڳي، انسان ۽ نرولي جو عاشق،
جيڏو سرڪش هوندو واڳي، پنهنجي تخليق جو خالق.

جيڏو سرڪش تو سمجهو آهي، جيڏو ئي وقت اڃا لو ترڻي!
جيڏو سرڪش ڳجهو واڳي، سڪندو حقن تراجو تلو، ترڻي!

جيڏا ئي سرڪش لهرون تي ڪنڌن جي اونهي ساگر جي،
جيڏا ئي سرڪش سوچ ٿيندي تون مهڪ سچي شاعر جي،

جيڏا سرڪش آهن ٿين ٿا، پاڻي تي جي سياڻي جا،
جيڏا سرڪش لفظ ٿين ٿا، ماڻهوءَ مان مهائي جا،

جيڏو سرڪش ڪارونجهر آ، سنڌ جي سوڍي ڌرتي تي،
جيڏو سرڪش سچ ٿيندي تو، سڪندر جي وسندا ترڌرتي تي.

جيڏا ئي سرڪش الو جڳجي ڪانءُ سنڌو ندي، سانڀي، ودا!
جيڏا ئي سرڪش هوندي آهي ڪا ڪا حوتڙا ساڃهه، ودا!

جيڏو سرڪش منهنجي ونڊو آهي سڪندر پيل وشتار واءِ،
تيڏو سرڪش آهي سا اڄ، سچ جو هر سرڪش پاڻ!

ڪراچي -
٢٠-١٠-١٩٨٤

[illegible]

جيئي سنڌ ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايدمن: صاحب خان ”سورھ“ ميرائي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner